Reg No 2677

ABC Certified

ايڊيٽر: اعجاز مهر

روزاني سنڌيار ڪراچي

Daily SINDHYAR Karachi

NTN 4129440-8 www.dailysindhyar.com

جلد :11 | اربع 16 آگسٽ 2023 ع بمطابق 28 محرم الحرام 1445ھ | شمارو: 297 | قيمت10 روپيا

نگران ڪابينه لاءِ مشاورت جاري، معاشي پاليسين جو تسلسل برقرار رکبو: انوار الحق ڪاڪڙ

نگران ڪابينه جي لاءِ جليل عباس جيلاني، شعيب سدل، احسن ڀهون، سرفراز بگٽي ۽ ذوالفقار چيمه جا نالا غور هيٺ. اڳوڻي اطلاعات واري وزير محمد علي دراني کي اطلاعات واري وزارت ملڻ جو امڪان

معاشي پريشانين جي شڪار ملڪ تي وڏيڪ بار نٿا وجهي سگهون. منهنجو پروٽوڪول گهٽ کان گهٽ رکيو وڃي. وڏيڪ خرچ برداشت نٿا ڪري سگهون. عوام کي به تڪليف نه پهچي: نگران وزيراعظم

عوامي ڀلائي جا منصوبا بغير ڪنهن وقفي سان جاري رهندا. اسپيشل انويسٽمينٽ فيسليٽيشن ڪائونسل تحت ملڪ ۾ پرڏيهي سيڙپڪاري وڌائڻ جا قدم نگران حڪومت جي ترجيحن ۾ شامل آهن

صحت ۽ تعليم جي شعبي ۾ عالمي معيار جي سهولتن کي يقيني بڻايو وڃي، پاور سيڪٽر ۾ جاري سڌارن تي عملدرآمد کي تيز ڪيو وڃي، ٽيڪس روينيو وڌائڻ لاءِ قدمن تي سختي سان عمل ڪيو وڃي

حڪومت معيشت جي بهتري لاءِ ڊي ريگيوليشن ۽ ذميوار خودمختياري تي ڌيان ڏيندي. نگران حڪومت پنهنجي محدود مدي ۾ معيشت جي سڌاري تي سموريون توانائيون صرف ڪندي

ملڪ ۾ معاشي پاليسين جو تسلسل برقرار رهندو ۽ وڏيڪ معاشي بهتري آڻينداسين. عوامي ڀلائي جا منصوبا بغير ڪنهن وقفي سان جاري رهندا: اجلاس کي خطاب ۾ ڳالهيون

اسلام آباد(م ڊ) نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ پنهنجي ڪابينه جي جوڙجڪ جي لاءِ مشاورت تيز ڪري ڇڏي آهي. ذريعن موجب نگران وزيراعظم سمورين شخصيتن جي پروفائل جو ڀاڃمرادو جائزو وٺڻ جو فيصلو ڪندي پنهنجي ڪابينه کي مختصر رکڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي. ذريعن موجب نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ چيو آهي ته معاشي پريشانين جي شڪار ملڪ تي وڏيڪ بار نٿا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

اسلام آباد: نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ مولانا فضل الرحمان سان ڪارڪنن جي شهادت تي تعزيت ڪندي

نواز شريف سيپٽمبر جي وچ ڌاري پاڪستان پهچندو، خاندان پاران تصديق

شريف خاندان جي وڪيلن ۽ سياسي گهڻ گهرن نواز شريف کي وچ اوڀر ۽ يورپ جي دوري کان ترت پوءِ وطن واپسي جو مشورو ڏنو هو. ڪجهه سينئر اڳواڻن طرفان سيپٽمبر جي وچ ڌاران وطن واپس ورڻ جو چيو ويو

نواز شريف سان ملاقات لاءِ ايندڙ ٽن هفتن ۾ راڻا ثناءُالله، خواجا آصف، جاويد لطيف، پرويز رشيد ۽ ٻيا به لنڊن ايندا. سندس وطن واپسي جي انتظامن کي حتمي شڪل ڏني ويندي

سپريم ڪورٽ ريويو آف ججمنٽس اينڊ آرڊر بابت تازي فيصلي سان نواز شريف جي ڪيسن تي ڪو اثر نه پوندو. نواز شريف جي وڪيلن سندس وطن واپسي تي قانوني دفاع جي تياري مڪمل ڪري ورتي

نواز شريف جڏهن به ايندو ته پارٽي تاريخ جو اعلان ڪندي، بهترين ٽيم نواز شريف سان گڏ آهي. جيڪڏهن نواز هو وزيراعظم هوندو ته شهباز شريف ساڻس گڏ ڪم ڪري سگهي ٿو: طلال چوڌري

نواز شريف جڏهن به آيو آهي عوام جون حالتون بدلائي ڇڏيون آهن. نواز شريف جي قيادت ۾ چونڊ مهم لاءِ عوام وٽ وينداسين. قيادت جو ماضي به گواهه آهي ته هن هميشه مشڪل حڪومت هلائي آهي

لنڊن (م ڊ) پاڪستان مسلم ليگ ن جو قائد ۽ اڳوڻو وزيراعظم نواز شريف سيپٽمبر جي وچ ڌاران پاڪستان پهچندو. شريف خاندان جي ذريعن موجب، ن ليگ قائد کي جماعت جي ڪجهه سينئر اڳواڻن طرفان سيپٽمبر جي وچ ڌاران وطن واپس ورڻ جو چيو ويو آهي. ذريعن موجب، شريف خاندان جي وڪيلن ۽ سياسي گهڻ گهرن نواز شريف کي وچ اوڀر ۽ يورپ جي دوري کان ترت پوءِ وطن واپسي جو مشورو ڏنو هو پرهاڻي تصديق ڪئي وئي آهي ته نواز شريف سيپٽمبر جي وچ ڌاران پاڪستان پهچندو. ياد رهي ته نواز شريف چار سال اڳ پاڪستان کان برطانيا علاج ڪرائڻ لاءِ آيو هو. هاڻي سندس وطن واپسي جي انتظامن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

نواز ليگ سربراهه نواز شريف

صدر اعتراض لڳائي تڪڙ ۾ منظور ڪيل 13 بل واپس ڪري ڇڏيا

پوليس ۽ سيڪورٽي فورسز کي بنا وارنٽ گرفتاري جو اختيار ڏيڻ بابت بل به واپس موڪليو

صدر جرنلسٽس اينڊ ميڊيا پروفيشنلز پروٽيڪشن بل به واپس موڪلي ڇڏيو

ياد رهي ته شهباز شريف جي حڪومت آخري ڏينهن ۾ 100 کان مٿي بل بنا بحث جي پاس ڪيا هئا: ذريعا

اسلام آباد(رپورٽ) ملڪ جي صدر عارف علوي پارليامينٽ پاران منظور ڪيل 13 بل اعتراض لڳائي وزيراعظم آفيس کي واپس ڪري ڇڏيا آهن. هر بل بابت صدر پنهنجو وضاحتي نوٽ لکيو آهي جنهن ۾ قانوني خامين جي نشاندهي ڪئي آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

احتساب عدالت پرويز الاهي کي 14 ڏينهن جي ريمانڊ تي نيب حوالي ڪري ڇڏيو

پرويز الاهي مٿان سرڪاري ٺيڪن ۾ ڪرپشن ۽ ڪڪ بيڪس جو ڪيس آهي: نيب پراسيڪيوٽر

سڄي صوبي کي نظرانداز ڪيو ويو، ان سان گڏ ئي قانوني گهرجن کي به نظرانداز ڪندي ترقياتي پراجيڪٽس جي منظوري ڏني وئي

پرويز الاهي جي پٽ مونس الاهي گڏجاڻيون ڪرائي ڪڪ بيڪس جا شيئر طئي ڪيا، انهن سمورين ڳالهين جا ثبوت موجود آهن

لاهور(م ڊ) لاهور جي احتساب عدالت سرڪاري ٺيڪن ۾ رشوت وصولي ڪيس ۾ پرويز الاهي جو 14 ڏينهن جو جسماني ريمانڊ منظور ڪندي ڪيس نيب حوالي ڪري ڇڏيو رپورٽ موجب تحريڪ انصاف جي صدر پرويز الاهي کي نيب جي احتساب عدالت ۾ پيش ڪيو ويو ڪيس سخت سيڪيورٽي ۾ عدالت آندو ويو ۽ جج زبير شهزاد ڪياني جي آڏو پڌٽي ٿي. پڌٽي دوران پرويز /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

سلطان علي الانه کي ناڻي وارو نگران وزير مقرر ڪرڻ جو امڪان

هن ملڪ کي ايف اي ٽي ايف جي گري لسٽ مان ڪيرائڻ ۾ ڪردار ادا ڪيو

ڪيس پاڪستان ۾ مائڪرو فنانس جو باني تصور ڪيو ويندو آهي

اسلام آباد(م ڊ) ناليواري بئنڪار سلطان علي الانه کي نگران ڪابينه ۾ ناڻي وارو وفاقي وزير مقرر ڪرڻ جو امڪان آهي. ذريعن موجب سلطان علي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

سنڌ جو نگران وڏو وزير جسٽس (ر) مقبول باقر اڄ حلف کڻندو

گورنر ڪامران ٽيسوري سمري تي صحيح ڪري ڇڏي

اهم ذميواري ملي آهي، اليڪشن ڪميشن جي معاونت ڪنداسين: مقبول باقر

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جو نامزد نگران وڏو وزير جسٽس رٽائرڊ مقبول باقر اڄ عهدي جو حلف کڻندو. گورنر ڪامران ٽيسوري وڏي وزير مراد علي شاهه /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

اٽڪ ۾ پوليس اسٽيشن تي ڪنوڻ ڪري پئي، 5 اهلڪار زخمي

اٽڪ (م ڊ) اٽڪ ۾ پوليس اسٽيشن تي ڪنوڻ ڪرڻ جي نتيجي ۾ 5 پوليس اهلڪار زخمي ٿي پيا. پوليس موجب اسٽيشن اٽڪ خورد ۾ هڪ زوردار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

9 مئي واقعا: عدالت جو بشريٰ بي بي کي جاچ ۾ شامل ٿيڻ جو حڪم

عمران خان ڏوهاري آهي، هن وقت جيل ۾ قيد آهي: پراسيڪيوٽر

بشريٰ بي بي جاچ ۾ شامل ٿي، سندس نه لڳي ته ضمانتون رد ڪيون وڃن: عدالت

اسلام آباد (م ڊ) اسلام آباد جي عدالت تحريڪ انصاف چيئرمين جي گهر واري بشريٰ بي بي کي 9 مئي واقعن جي جاچ ۾ شامل ٿيڻ جو حڪم/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ سان سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري جي ملاقات

اسلام آباد (م ڊ) نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ سان سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري ملاقات ڪئي. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

پي ٽي آءِ جي اهم اڳواڻ صمصام بخاري پارٽي ڇڏڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو

محب وطن پاڪستاني جيان مان به 9 مئي واقعن جي مذمت ڪريان ٿو: صمصام بخاري

تشدد جي سياست تي ڪڏهن به يقين نه رکيو آهي ملڪ اسان جو آهي ۽ ادارا به اسان جا آهن

سيد صمصام بخاري جي استحڪام پاڪستان پارٽي جي چيئرمين جهانگير ترين سان ملاقات ڪئي



لاهور(م ڊ) تحريڪ انصاف جي هڪ ٻئي اهم اڳواڻ صمصام بخاري به پارٽي ڇڏڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. صمصام بخاري پارٽي ڇڏڻ جو اعلان ڪندي 9 مئي واقعن جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي. صمصام بخاري چيو ته هر محب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

نوازشريف سيپٽمبر ۾ واپس اچي رهيو آهي، قوم کيس وزيراعظم بڻائيندي: جاويد لطيف

ذوالفقار علي ڀٽو کي به عالمي سازش جي ذريعي اقتدار تان لاهي قتل ڪيو ويو هو. نوازشريف کي ملڪ جي دفاع جي سزا ملي

عالمي سازش هن وقت به جاري آهي پر نوازشريف جي رستي ۾ هاڻ ڪا به بارودي سرنگ برداشت نه ڪنداسين

جيڪڏهن اسان پنهنجي سياست قربان نه ڪريون ها ته آئين جمهوريت ۽ رياست کي برداشت نه ڪرڻ جوڳو نقصان پهچايو وڃي ها



لاهور(م ڊ) مسلم ليگ(ن) جي مرڪزي اڳواڻ ميان جاويد لطيف چيو آهي ته نوازشريف سيپٽمبر ۾ واپس اچي رهيو آهي قوم کيس چوٿين ڀيرو وزيراعظم بڻائيندي. ميان جاويد لطيف جي اڳوائي ۾ يوم آزادي جي موقعي تي شيخوپوره /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

شهيد جان محمد مهر جو دهشتگردي ايڪٽ تحت ڪيس داخل: 20 شڪي گرفتار

سکر جي سي سيڪشن ٿاڻي تي شهيد صحافي جان محمد مهر جي وڏي ڀاءُ جي فرياد تي ڪيس داخل ڪيو ويو

دهشتگردن جي سهولتڪاري ۾ جاڻايل جوابدارن ۾ شيرل مهر، منور، بخش علي عرف بخشو، بابر، محسن، جمال الدين ۽ سهيل شامل

شڪ جي بنياد تي 20 کان وڌيڪ ماڻهن کي حراست ۾ ورتي ڇڏيو آهي، اصل قاتلن جي ويجهو پهچي ويا آهيون: ايس ايس پي

سکر (م ڊ) سکر جي صحافي شهيد جان محمد مهر جي قتل جو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي، جڏهن ته پوليس شڪ جي بنياد تي 20 کان وڌيڪ ماڻهن کي پڻ حراست ۾ وٺي ڇڏيو آهي. ذريعن موجب سکر جي سي سيڪشن ٿاڻي تي شهيد صحافي جان محمد مهر جي وڏي ڀاءُ جي فرياد تي ڪيس داخل ڪيو ويو. ڪيس ۾ دهشتگردي جا ڪلم به شامل ڪيا ويا آهن. ڪيس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

سکر: شهيد جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ ايس ايس پي آفيس آڏو ڌرڻو

سکر پريس ڪلب کان احتجاجي ريلي ڪڍي ايس ايس پي آفيس آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

سکر پوليس شهيد جان محمد مهر جي قاتلن، سهولتڪارن ۽ سرپرستن کي بچائي رهي آهي: اڳواڻ

قتل واري واقعي جي جاچ اعلي سطحي جوڊيشل انڪوائري ڪرائي جي آئي ٽي جوڙي وڃي: مطالبو

سکر(م ڊ) سينئر صحافي شهيد جان محمد مهر جي قاتلن، سهولتڪارن ۽ سرپرستن جي گرفتاري لاءِ صحافي، وڪيل، سياسي، سماجي، شهري ۽ واپاري تنظيمون سراپا احتجاج بڻجي وين سکر پريس ڪلب کان احتجاجي ريلي ڪڍي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

سکر: صحافي شهيد صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪندي

صدر پاران ميڊيا ورڪرز ۽ صحافي برادري کي پاڪستان اليڪٽرانڪ ميڊيا ريگيوليٽري اٿارٽي (ترميمي) بل 2023 ع لاءِ پنهنجي حمايت جي خاطري

اسلام آباد (م ڊ) صدر ڊاڪٽر عارف علوي ميڊيا ورڪرز ۽ صحافي برادري کي پاڪستان اليڪٽرانڪ ميڊيا ريگيوليٽري اٿارٽي (ترميمي) بل 2023 ع جي لاءِ پنهنجي حمايت جو يقين ڏياريو آهي. ايوان صدر جي پريس ونگ پاران جاري بيان موجب صدر اها ڳالهه پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس (پي ايف يو جي)/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

توهين ڪميشن ڪيس ۾ فواد چوڌري جو نئون معافي نامو جمع

توهان حڪم نامي ۾ چيو ته معافي نامو ۾ منهنجي ٻولي درست ناهي: فواد چوڌري

پنهنجي ٻولي درست ڪري معافي نامو ٻيهر جمع ڪرائي رهيو آهيان

اسلام آباد(بيورو رپورٽ)اليڪشن ڪميشن فواد چوڌري خلاف توهين عدالت ڪيس جي ٻڌڻي 24 آگسٽ تائين ملتوي ڪري ڇڏي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

اميد ته نگران حڪومت جي قدمن سان سياسي ڇڪتاڻ گهٽبي: شاهه محمود قريشي

نگران سيٽ اپ ۾ غير جانبدار ماڻهن کي شامل ڪرڻ بهتر هوندو

نگران حڪومت عورتن کي آزاد ڪرڻ جو اعلان ڪري ته سٺي پيش رفت هوندي

ملتان (م ڊ) تحريڪ انصاف جي وائيس چيئرمين شاهه محمود قريشي چيو آهي ته اميد آهي ته نگران حڪومت جي قدمن سان سياسي ڇڪتاڻ واري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

تحريڪ انصاف جو وائيس چيئرمين شاهه محمود قريشي

افغانستان ۾ طالبان جي حڪومت کي 2 سال مڪمل

15 آگسٽ 2021 ع تي اتحادي فوج جي نڪرڻ بعد طالبان اقتدار سنڀالو

ڪابل (م ڊ) افغانستان ۾ طالبان جي حڪومت کي 2 سال مڪمل ٿي ويا. فرانس جي خابرو اداري مطابق امارات اسلامي افغانستان ۾ 15 آگسٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

اوپن مارڪيٽ ۾ آمريڪي ڊالر ٽرپل سينچري مڪمل ڪري ورتي

انٽربينڪ ۾ ڊالر جي مقابلي ۾ روپئي جي قيمت 3 مهينن جي گهٽ کان گهٽ سطح تي اچي وئي

ڪاروباري ڏينهن جي شروعات تي انٽربينڪ ۾ ڊالر وڌيڪ 3 روپيه مهانگو ٿي ويو، اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ هيٺ مٿانهين جو رجحان برقرار

هڪ آمريڪي ڊالر 291 روپيه 50 پئسا جڏهن ته اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر 5 روپيه مهانگو ٿي 301 روپين جو ٿي ويو

ڪراچي (م ڊ) ڪاروباري هفتي جي ٻئي ڏينهن انٽربينڪ ۾ پاڪستاني روپئي جي مقابلي ۾ آمريڪي ڊالر جي قيمت ۾ وڌيڪ واڌ کان پوءِ ڊالر 300 روپين جو ٿي ويو آهي. هفتي جي پهرين يوم آزادي جي موڪل سبب اڳاري جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

اي ٽي سي عدالت عمران خان جي 3 ڪيسن مان ضمانت واري درخواست رد ڪري ڇڏيون

اسلام آباد(م ڊ) اسلام آباد جي دهشتگردي جي انت واري عدالت چيئرمين تحريڪ انصاف عمران خان جي 3 ڪيسن مان ضمانت جون درخواستون رد ڪري ڇڏيون. اسلام آباد ۾ دهشتگردي جي انت واري عدالت جي جج ابوالحسنات چيئرمين پي ٽي آءِ عمران خان جي 3 ڪيسن مان ضمانت جي درخواست رد ڪري ڇڏي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

اسلام آباد: صدر عارف علوي پارليامينٽ پاران موڪليل بلن تي دستخط ڪندي

ٽرائل ڪورٽ جو فيصلو معطل: سارنگ شر سنڌ هاءِ ڪورٽ مان گرفتار

ٻارن سان زيادتي واري ڪيس جي جوابدار سارنگ شر جي ٽرائل ڪورٽ مان آزادي خلاف داخل درخواست تي ٻڌڻي

سارنگ شر تي قتل، ملڪيت تي قبضا ۽ ٻارن سان زيادتي جا 8 ڪيس داخل ٿيل آهن: پوليس رپورٽ

ننڍي عمر جي ٻارن سان زيادتي واري ڪيس ۾ صلح نٿي ٿي سگهي، ٽرائل ڪورٽ ثبوتن کي نظرانداز ڪيو: ايڊيشنل پراسيڪيوٽر

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ خيرپور ۾ ٻارن سان زيادتي ڪيس جي جوابدار سارنگ شر کي آزاد ڪرڻ وارو ٽرائل ڪورٽ جو فيصلو معطل ڪري ڇڏيو جنهن کان پوءِ پوليس جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ خيرپور ۾ ٻارن سان زيادتي واري ڪيس جي جوابدار سارنگ شر جي ٽرائل ڪورٽ مان آزادي خلاف داخل درخواست تي ٻڌڻي تي جنهن ۾ پوليس پنهنجي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

سپريم ڪورٽ سنڌ ۾ تڪ بندين بابت معاملو اليڪشن ڪميشن ڏانهن اماڻي ڇڏيو

تڪ بندين عوامي مفاد جو معاملو آهي، سپريم ڪورٽ ۾ ڪيترائي پيرا تڪ بندين جو معاملو اچي چڪو آهي: چيف جسٽس

سنڌ ۾ تڪ بندين جي حساسيت وڌيڪ آهي، سنڌ مان اڪثر طور تي اهي شڪايتون اينديون رهيون آهن ته تڪ بندين صحيح نه ٿيون آهن

اليڪشن ڪميشن عام چونڊون ڪڏهن ڪرائي رهيو آهي؟ اليڪشن ڪميشن چونڊن کان اڳ سمورا معاملا حل ڪري وٺي

اسلام آباد (م ڊ) سپريم ڪورٽ تڪ بندين بابت معاملو واپس اليڪشن ڪميشن ڏانهن اماڻي ڇڏيو آهي. سپريم ڪورٽ ۾ چيف جسٽس عمر عطا بنديال جي سربراهي ۾ 2 رڪني بينچ اليڪشن ڪميشن جي سنڌ ۾ صوبائي تڪ بندين جي خلاف درخواستن تي ٻڌڻي ٿي جنهن دوران چيف جسٽس پاڪستان ريمارڪس ڏنا ته تڪ بنديون عوامي مفاد جو معاملو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ سان بلوچستان جي اڳوڻي وڏي وزير جام ڪمال جي ملاقات

اسلام آباد(م ڊ) نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ سان بلوچستان جي اڳوڻي وڏي وزير جام ڪمال ملاقات ڪئي ۽ کيس وزارت عظميٰ جو عهدو سنڀالڻ تي مبارڪباد ڏني. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب ملاقات ۾ جام ڪمال وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ جي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

قوم چونڊن ۾ هڪ ڏينهن جي دير به برداشت ڪونه ڪندي: سراج الحق

جماعت اسلامي 76 سالن کان پاڪستان جي نظرياتي ۽ جاگرافيائي سرحدن جي حفاظت ڪري رهي آهي

اسان هڪ قوم نه بڻجي سگهياسون ۽ پاڪستان ايٽمي رياست هئڻ باوجود عوام پاڻي جهڙي بنيادي سهولت کان به محروم آهي

ظالم حڪمرانن جي ڪري اڄ هر پاڪستاني اڍائي لک رپين جو قرضي آهي هتي غربت ننگو ناچ ڪري رهي آهي: ڪراچي ۾ جلسي ۾ ڳالهيون

ڪراچي (رپورٽر) امير جماعت اسلامي سراج الحق نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ کان آئين ۽ جمهوريت موجب ملڪ ۾ بروقت ۽ صاف شفاف چونڊون ڪرائڻ جي گهر ڪندي چيو آهي ته قوم چونڊن ۾ هڪ ڏينهن جي دير به برداشت ڪرڻ ڪندي. پاڪستان فقط هڪ ملڪ نه بلڪ هڪ نظريي ۽ فڪر جو نالو آهي. جماعت اسلامي 76 سالن کان پاڪستان جي نظرياتي ۽ جاگرافيائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

سپريم ڪورٽ احسن اقبال خلاف داخل توهين عدالت جي درخواست رد ڪري ڇڏي

احسن اقبال نظم وضبط وارو انسان آهي منهنجي نظر ۾ احسن اقبال تمام گهڻو سنجيده ۽ دانشور انسان آهي: چيف جسٽس

توهين عدالت ٿي آهي يا نه اهو طئي ڪرڻ اسان جو ڪم آهي. درخواستگذار صاحب اوهان اطلاع ڏني، اوهان جي مهرباني

هي ڪيس وڌيڪ هلائڻ جو هاڻ ڪو به سبب نه آهي، هن ڪيس جي وڌيڪ هلڻ لاءِ هاڻ ڪو به گرائونڊ موجود نه آهي

اسلام آباد (م ڊ) سپريم ڪورٽ سينئر ليگي اڳواڻ احسن اقبال خلاف توهين عدالت جي درخواست ٻڌڻ جوڳي نه هجڻ جي آڌار تي اڪلائي ڇڏي. ٻڌڻي دوران چيف جسٽس پاڪستان ريمارڪس ڏيندي چيو ته احسن اقبال نظم وضبط وارو انسان آهي منهنجي نظر ۾ احسن اقبال تمام گهڻو سنجيده ۽ دانشور انسان آهي جذبات ۾ هن ڪا ڳالهه چئي ڇڏي هوندي. چيف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

نواز ليگ اڳواڻ احسن اقبال

نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ سان بلوچستان سان تعلق رکندڙ وفد جي ملاقات

اسلام آباد (م ڊ) نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ سان بلوچستان سان تعلق رکندڙ هڪ وفد ملاقات ڪئي. وزيراعظم آفيس ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب ملاقات ۾ سينيٽر سرفراز بگٽي ۽ مير خالد لانگو شامل هئا. وفد وزيراعظم کي وزارت عظميٰ جو عهدو سنڀالڻ تي مبارڪباد ڏني ۽ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو....

وزيرن ۽ مشيرن کي سرڪاري گهر ۽ گاڏيون واپس ڪرڻ جو حڪم

نگران وزيراعظم کان 3 ڏينهن اندر اثاثن جا تفصيل به طلب ڪيا ويا

نگران حڪومتون شفاف چونڊن لاءِ سهڪار کي يقيني بڻائين: ترجمان

اسلام آباد(بيورو رپورٽ) اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ جي اثاثن جا تفصيل طلب ڪندي خط جاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

هلندڙ سال تاريخ جو گرم ترين سال هوندو: آمريڪي ماهر

مائي سمنڊ ۾ ايل نينو رجحان سبب ايندڙ سال ان کان به وڌيڪ گرم ٿي سگهي ٿو

جولائي ۾ گلوبل سرفيس ٽمپريچر 1.12 ڊگري سيلسيز هيو جيڪو اوسر کان وڌيڪ هيو

واشنگٽن (م ڊ) آمريڪا ۾ موسميات جي ماهرن چيو آهي ته ان ڳالهه جو 50 سيڪڙو امڪان آهي ته 2023 تاريخ جو گرم ترين سال هوندو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

صدر ڊاڪٽر عارف علوي پيمرا (ترميمي) بل 2023 ع جي منظوري ڏئي ڇڏي

صدر بل جي منظوري آئين جي آرٽيڪل 75 تحت ڏني آهي

اسلام آباد (م ڊ) صدر ڊاڪٽر عارف علوي پيمرا (ترميمي) بل 2023 ع جي منظوري ڏئي ڇڏي. ايوان صدر جي پريس ونگ پاران جاري بيان موجب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ڀارت سان محبت ڪندي آهيان، مڙس کي وٺي هلي ويندس: انجو

پنهنجي ملڪ سان ڪا به غداري ناهي ڪئي ۽ ان حوالي سان ميڊيا تي غلط ڳالهيون پکيڙيون پيون وڃن

ڀارت ۾ ماڻهن کي لڳي رهيو آهي ته آئون پاڪستان اچي هتان جون تعريفون ڪري رهي آهيان پر ائين ناهي

چيو پيو وڃي ته آئون پنهنجي ديس ۽ ٻارن سان غداري ڪئي آهي، آئون به انسان آهيان، ڪنهن جي دشمن ناهيان

پشاور (م ڊ) خيبرپختونخواهه جي نصرالله جي محبت ۾ گرفتار ٿي پاڪستان آيل ڀارتي ڇوڪري فاطمه (انجو) چيو آهي ته هن پنهنجي ملڪ سان ڪا به غداري ناهي ڪئي ۽ ان حوالي سان ميڊيا تي غلط ڳالهيون پکيڙيون پيون وڃن سوشل ميڊيا تي انجو جي هڪ وڊيو گردش ڪري رهي آهي جنهن ۾ سندس چوڻ هو ته ڀارت ۾ ماڻهن کي لڳي رهيو آهي ته آئون پاڪستان اچي هتان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ڀارت کان انجو پنهنجي پاڪستاني مڙس سان گڏ

نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ جي جي يو آءِ (ف) جي سربراهه مولانا فضل الرحمان جي رهائشگاهه آمد، ورڪرز ڪنوينشن تي خودڪش حملي تي ڏک جو اظهار

اسلام آباد(م ڊ) نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ جمعيت علماءِ اسلام (ف) جي سربراهه مولانا فضل الرحمان جي رهائشگاهه تي وڃي باجوڙ ۾ جمعيت علماءِ اسلام جي ورڪرز ڪنوينشن ۾ خودڪش حملي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب گورنر ڪامران /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

سمورن ملڪ لٽيندڙن کي اٽڪ جيل ۾ هئڻ گهرجي : سراج الحق

قوم چوندن ۾ هڪ ڏينهن جي دير به برداشت ڪونه ڪندي، پاڪستان فقط هڪ ملڪ نه بلڪ هڪ نظريي ۽ فڪر جو نالو آهي

اسان هڪ قوم نه بڻجي سگهياسون ۽ پاڪستان پهرين اسلامي ايٽمي رياست هئڻ باوجود عوام بنيادي سهولت کان به محروم آهي

10 ڪروڙ شهري غربت جي لڪير کان هيٺ زندگي گذارڻ تي مجبور ۽ 7 ڪروڙ نوجوان بيروزگاري سبب ڌڪا کائي رهيا آهن

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) امير جماعت اسلامي سراج الحق نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ کان آئين ۽ جمهوريت موجب ملڪ ۾ بروقت ۽ صاف شفاف چونڊون ڪرائڻ جي گهر ڪندي چيو آهي ته قوم چونڊن ۾ هڪ ڏينهن جي دير به برداشت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ڪراچي : جماعت اسلامي جو امير سراج الحق خطاب ڪري رهيو آهي

راهوڪي ۾ نوجوان قاهو
ڪائي زندگي جو انت آڻي
ڇڏيو، گهر ۾ ڪهرام

ٽنڊوڄام (رپورٽر) ٽنڊي ڄام پرسان راهوڪي ٿاڻي جي حد ۾ نوجوان قاهو کائي زندگي جو انت آڻي ڇڏيو، راهوڪي ٿاڻي جي حد ڳوٺ الله بچايو ملاح ۾ 40 ورهين جو نوجوان ممتاز ملاح گهر اندر رسو ٻڌي قاهو کائي خودڪشي ڪري ڇڏي، هوڏانهن اهڙي اطلاع ملڻ تي راهوڪي پوليس پهچي نوجوان جي لاش کي ضروري ڪاروائي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

رتوديرو ۾ جشن آزادي جي موقعي تي اسڪولن ۽ سماجي تنظيمن پاران ريليون

شهيدن جي نقشي قدم تي هلندي وطن لاءِ هر قسم جي قرباني ڏيڻ جو عزم پڻ ورجايو ويو

شاگردن ۾ تقريري مقابلا پڻ ڪرايا ويا ۽ شاگردن مختلف قومي گيتن تي ٽيبلوز پڻ پيش ڪيا

نئون ديرو (رپورٽ شاهه محمود پٺو) ملڪ جي ٻين شهرن جيان نئون ديرو رتوديرو ۾ پاڪستان جو 76 هون آزادي وارو ڏهاڙو وڏي جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو. ان سلسلي ۾ رتوديرو عوامي پريس ڪلب مختلف اسڪولن ۽ سياسي سماجي تنظيمن پاران ريليون ڪڍيون ويون. جنهن ۾ شرڪت ڪندڙن پاران تحريڪ آزادي ۾ شريڪ اڳواڻن ۽ وطن خاطر پنهنجون قيمتي جانيون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

مٽياري ۾ بهادر صحافي جان محمد مهر جي احتجاج جاري، نعريبازي

شوڪت ملڪ، مظفر علي سهتو، امير علي ملڪ، زوار حسين چانڊيو، منظور علي ملڪ، مختيار علي سهتو ۽ ٻين احتجاج ڪيو

سنڌ ۾ سچ لکندڙ صحافين کي سچ لکڻ جي ڏوهه ۾ بيدرديءَ سان قتل ڪري آزاد آواز کي دٻائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي : مظاهرين

شهيد صحافي جان محمد مهر ايماندار ۽ بهادر صحافي هو جنهن هٿان جي پورتاڪري ڪلچر کي ٽنڊوالي ڇڏيو هو

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) سنڌ جي بهادر صحافي جان محمد مهر کي سکر ۾ شهيد ڪرڻ ۽ بيدرديءَ سان قتل ڪرڻ خلاف مٽياري جي صحافين ۽ سياسي سماجي ڌرين وڏي تعداد ۾ شرڪت ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

نوشهرو فيروز: صحافي جان محمد مهر جي قتل خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

پاڪستان جو پيارو ملڪ لاڙول ۾
بي مثال قربانين سان حاصل ٿيو
آهي : قاضي مشهود احمد

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سکر جماعت اصلاح المسلمين ۽ روحاني طلباءِ جماعت ضلعي سکر پاران جشن آزادي جي موقعي تي گورنمينٽ ايليمينٽري اسڪول ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

شهدادپور ۾ صحافي جان محمد مهر جي قتل خلاف احتجاجي مظاهرو، ڌرڻو

صحافين ۽ مختلف سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن صحافي شاهد اعوان، سڪندر لغاري ۽ ٻين احتجاج ڪيو

شهيد جان محمد مهر کي آبادي واري علائقي ۾ سرعام گولين هڻي شهيد ڪيو ويو جيڪو مذمت جوڳو عمل آهي : مظاهرين

شهيد جان محمد مهر جي قاتلن کي فوري طور تي گرفتار ڪري سنڌ جي صحافين کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

شهدادڪوٽ (شاهد اعوان) شهدادڪوٽ ۾ پريس ڪلب شهدادڪوٽ جي سڏ تي سکر ۾ شهيد ٿيل سينيئر صحافي جان محمد مهر جي قتل خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو. پريس ڪلب شهدادڪوٽ جي صحافين ۽ مختلف سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن صحافي شاهد اعوان، سڪندر لغاري، ساجد ضمير ڪرل، صدام سولنگي، شهري اتحاد جي صدر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

دڙو ۾ مڇرن جي آزار ۽ شهر جي ٻين مسئلن جي حل نه ٿيڻ خلاف احتجاجي ريلي

ايس ٽي پي ۽ تحريڪ لبيڪ پاران منور ميمڻ، اختر ڪچي، حافظ ڏٽي ڏنو جاکرو، ڪامريڊ غلام مصطفيٰ سومرو ۽ ٻين احتجاج ڪيو

پ پ حڪومت عوام کان جيئڻ جو حق کسي تباهه ڪري ڇڏيو آهي، مختلف يوسيز ۾ مڇرن جي آزار سبب عوام سخت پريشان آهي : مظاهرين

عوام جي صبر جو پيمانو هاڻي ختم ٿي چڪو آهي، جيڪڏهن فوري طور شهر ۾ مڇرمار اسپري نه ڪرايو وئي ته سخت احتجاج ڪيو ويندو

دڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) دڙي ۾ ايس ٽي پي ۽ تحريڪ لبيڪ پاران مڇرن جي آزار ۽ شهر جي ٻين مسئلن جي حل نه ٿيڻ خلاف احتجاجي ريلي، نعرا اڳواڻن جو خطاب. دڙو ۾ ايس ٽي پي ۽ تحريڪ لبيڪ پاران منور ميمڻ، اختر ڪچي، حافظ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

دڙو : احتجاجي ريلي اڳواڻ خطاب ڪري رهيو آهي

ٽنڊو محمد خان ۾ پيار پرٽو
ڪندڙ جوڙي پاران احتجاج،
تحفظ جي گهر

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان جي شوڪت ڪالوني جي رهواسي صدام حسين سنڌس زال فوزيه قتل جي مليل ڌمڪين تي اعليٰ اختيارين کان حياتين جي تحفظ فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو آهي، ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب آڏو شوڪت ڪالوني جي رهواسي صدام حسين ۽ سندس زال /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

ڪنڌڪوٽ ۾ صحافي جان محمد مهر جي قتل خلاف احتجاجي مظاهرو

پريس ڪلب جي جنرل سيڪريٽري پير بخش بنگوار، علي حسن ملڪ ۽ ٻين احتجاج ڪيو

شهيد جان محمد جي قاتل ۽ قتل پويان ملوث هٿن خلاف فوري ڪارروائي ڪئي وڃي : مظاهرين

علي حسن ملڪ، غلام ياسين لاشاري، حفيظ ملڪ راڄ گوپي چند ۽ ٻين پڻ احتجاجي مظاهري کي خطاب ڪيو ويو

ڪنڌڪوٽ (غالب بلوچ) ڪنڌڪوٽ پريس ڪلب ۾ صحافين پاران سنڌ جي بي باڪ صحافي جان محمد مهر جي قتل خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي مطالبو ڪيو ويو ته شهيد جان محمد جي قاتل ۽ قتل پويان ملوث هٿن خلاف فوري ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ حقيقي قاتل گرفتار ڪيا وڃن. انهي موقعي تي پريس ڪلب جي جنرل سيڪريٽري پير بخش بنگوار، علي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

خانپور مهر ۾ صحافي جان محمد مهر جي قتل واقعي خلاف احتجاجي مظاهرو

صحافين سياسي سماجي اڳواڻن ۽ شهرين صحافي ميهرمهر، قاضي خادم، آفتاب سيال شاد محمد مهر، ياسين ميراڻي ۽ ٻين احتجاج ڪيو

هٿياربند سرعام گولين هڻي صحافي جان محمد مهر کي شهيد ڪري فرار ٿي ويا آهن پوليس قاتلن کي گرفتار نه ڪري سگهي آهي : اڳواڻ

پوليس جي نااهلي سبب صحافي جان محمد جا قاتل آساني سان فرار ٿي ويا، صحافي جان محمد مهر جا قاتل گرفتار نه ٿيا ته سخت ڪيو ويندو

خانپور مهر (رپورٽ: آفتاب سيال) سکر ۾ هٿياربندن هٿان شهيد ٿيل صحافي جان محمد مهر جي قتل واقعي خلاف خانپور مهر ۾ صحافين ۽ سياسي سماجي اڳواڻن پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، سکر ۾ هٿياربندن هٿان شهيد ٿيل صحافي جان محمد مهر جي قتل واقعي خلاف خانپور مهر ۾ صحافين سياسي سماجي اڳواڻن ۽ شهرين صحافي ميهرمهر، قاضي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

خانپور مهر: صحافي جان محمد جي قتل خلاف ريلي ڪڍي پئي وڃي

خيرپور جي ٿاڻي تي زال پنهنجي
مڙس مٺان بن ٻارڙن جي اغوا جو
ڪيس داخل ڪرائي ڇڏيو

سلطانپور (رپورٽر) سلطانپور خيرپور جي ٿاڻي تي زال پنهنجي مڙس مٺان بن ٻارڙن جي اغوا جو ڪيس داخل ڪرائي ڇڏيو جنهن خلاف سندس مڙس پاران پريس ڪلب سلطانپور پهچي احتجاج ڪندي انصاف جو مطالبو ڪيو، خبر موجب سلطانپور ۾ خيرپور جي ڳوٺ زوار جعفر واسي نوجوان آصف علي پٽ عاشق علي گوپانگ پريس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

گهارو ۾ صحافي جان محمد مهر جي قتل خلاف احتجاجي مظاهرو

صحافين غلام قادر پنهور، مختيار لاشاري، حميد عمراڻي، عبدالمجيد چانڊيو، بشام جوکيو ۽ ٻين احتجاج ڪيو

سنڌ حڪومت صحافين کي تحفظ فراهم ڪرڻ ۾ مڪمل طور تي ناڪام ٿي وئي آهي، ڪير پڇڻ وارو ناهي : مظاهرين

شهيد جان محمد مهر جي قاتلن کي گرفتار ڪري صحافين ۾ پکڙيل بيچيني ختم ڪري قاتلن کي ڪيفر ڪردار تائين پهچايو وڃي

گهارو (بشام جوکيو) سکر جي سينيئر صحافي جان محمد مهر جي قتل خلاف گهارو جي صحافين غلام قادر پنهور، مختيار لاشاري، حميد عمراڻي، عبدالمجيد چانڊيو، بشام جوکيو، عظيم پڳهيون، عبداللطيف جوکيو، خالد جتوئي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پاڻهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي صحافين ڳالهائيندي چيو ته سنڌ حڪومت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

ڪراچي ۾ جشن آزادي جي تقريب، ڪيڪ ڪاٽيو ويو

14 آگسٽ جو ڏهاڙو اسان سڀني ملڪ واسين جي لاءِ خوشين جو ڏهاڙو آهي : سعيد غني

پاڪستان پيپلز پارٽي جي پنجن سالن جي ڪارڪردگي بهترين رهي، عوام جي خدمت ڪئي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي علائقي موسميات ويجهو خاصخيلي بلڊرز ۽ ڊولپرز جي ايم ڊي ارشاد خاصخيلي پاران جشن آزادي جي تقريب ڪوٺائي وئي، تقريب ۾ اڳوڻي صوبائي وزير ۽ پ پ ڪراچي ڊويزن جي صدر سعيد غني، پلبزيوٽ ڪراچي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

مانجهند ۾ صحافي جان محمد مهر جي خون سان انصاف لاءِ ريلي

اڳواڻن پاران ريلي ڪڍي مين چوڪ تي 2 ڪلاڪ ٺٺهڻ اس ۾ ڌرڻو هنيو ويو

صحافي شهيد جان محمد مهر جي خون سان انصاف نه ٿي سگهيو آهي : مظاهرين

مانجهند (رپورٽ مهراڻ عمراڻي) مانجهند ۾ سکر جي صحافي شهيد جان محمد مهر جي خون سان انصاف لاءِ صحافين جي سڏ تي احتجاجي ريلي ٺهڻ اس ۾ 2 ڪلاڪ ڌرڻو، مانجهند ۾ پريس ڪلب طرفان شهيد صحافي جان محمد مهر جي خون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

مانجهند : صحافي جان محمد مهر جي قتل خلاف اڳواڻ احتجاج ڪري رهيا آهن

سکر: 14 آگسٽ تي قريشي ڳوٺ ۾ ورڪرز ڪنوينشن ڪوٺايو ويو

يوٽيلٽي اسٽور ڪارپوريشن ريجن جي ملازمن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

14 آگسٽ جو ڏينهن مجاهدن جي لاثاني جذبي جو به پيغام آهي : اڳواڻ

سکر (رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ) سکر جي ... پاران 14 آگسٽ تي قريشي ڳوٺ ۾ ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

نئون ديرو ۾ ميمڻ برادري جي ماڻهن جي اهم گڏجاڻي

لاڙڪاڻو ضلعي جي چيئرمين جي تعلق جا يوٿ عهديدار چونڊيا ويا

اسان جي برادري قديمي حيثيت رکي ٿي جيڪا محنت ڪش آهي : اڳواڻ

نئون ديرو (رپورٽ شاهه محمود پٺو) ... ميمڻ برادري جي ماڻهن جي اهم گڏجاڻي ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ڪراچي ۾ جشن آزادي جي سلسلي ۾ ريلي، تقريب

14 آگسٽ جو ڏهاڙو اسان جي لاءِ ڪنهن عيد جي خوشين کان گهٽ ناهي : سائين بخش بنگلاڻي

اسان کي سڀ نفرتون ختم ڪري ملڪ جي بهتري لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻ گهرجي

ڪراچي (رپورٽر) ... سائين بخش بنگلاڻي ... 14 آگسٽ جو ڏهاڙو ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ڪراچي : جشن آزادي جي سلسلي ۾ نڪتل ريلي جو ڏيک

سکر : مرحوم جان محمد مهر جي وفات تي تعزيت جاري

ڊائريڪٽر انفارميشن سکر اباڻي ڳوٺ چڪ پهچي پوئٽرن سان تعزيت ڪئي

مرحوم جان محمد مهر جي قبر تي پهچي گلن جي چادر چاڙهي فاتحه پڙهي

سکر (رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ) ڊائريڪٽر انفارميشن سکر پاران سکر پريس ڪلب جي سينيئر صحافي، ڪاوش ۽ ڪي ٽي اين نيوز جي بيورو چيف سکر مرحوم جان محمد مهر جي وفات تي سندس جي اباڻي ڳوٺ چڪ پهچي پوئٽرن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

نوشهروفيروز ۾ شيعه علماءِ ڪائونسل پاڪستان پاران گڏجاڻي

صوبائي ايڊيشنل جنرل سيڪريٽري زوار دوست علي ونگاڻي ۽ ٻين شرڪت ڪئي

متنازعه تڪفيري بل کي ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) شيعه علماءِ ڪائونسل پاڪستان ضلعي نوشهروفيروز جو اهم هنگامي اجلاس مدرسه امام مهدي نوشهروفيروز ۾ منعقد ٿيو ان موقعي تي صوبائي ايڊيشنل جنرل سيڪريٽري زوار درست علي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

نوشهروفيروز: شيعه علماءِ ڪائونسل جي گڏجاڻي جو ڏيک

سنڌ ۾ هٿ وٺي صحافي ماريا وڃن ٿا : اصغر بروهي

جان محمد مهر ڌاڙيل ڪلچر ۽ انهن پٺيان ڳجهن هٿن کي ظاهر ڪيو

معاملي جو نوٽيس وٺي صحافين جي قتل جا اصل ڳجها هٿ ظاهر ڪيا وڃن

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ ۾ هٿ وٺي صحافي ماريا وڃن ٿا، صحافين جي قتل جا اصل ڳجها هٿ ظاهر ڪيا وڃن اصغر بروهي تفصيل موجب تازو سينيئر صحافي جان محمد مهر جي قتل خلاف انڊس پريس ڪلب ڪراچي جي صحافين پاران احتجاج /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ميهڙ جي ڳوٺ ٻٽ سرائي جي رهواسڻ پاران احتجاج

اڳ چاورن پٽن ڏيءَ مرڪ کي زبردستي ڪسي باندي بڻائي ڇڏيو آهي : عورت

اڳ چاورن پٽن خلاف قانوني ڪاروائي ڪري ٻچن جي گذر لاءِ مڙس جي پگهار ڏياري وڃي

دادو (ن سنڌيار) ميهڙ جي ڳوٺ ٻٽ سرائي جي رهواسڻ عورت شمشاد زال ممتاز ڪوسو پنهنجي معصوم ٻارن سان دادو پريس ڪلب پهچي صحافين آڏو ٻڌايو ته اسان جي اڳ چاورا ڌوڙ پٽن ظفر علي، عرفان علي، عاشق علي ڪوسو مون ۽ منهنجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

نئون ديرو ۾ 76 هون جشن آزادي جو ڏهاڙو جوش، جذبي سان ملهايو ويو

مختلف ڪاليجن ۾ تقريبون منعقد ڪري پاڪستان جا قومي پرچم ڦڙڪايا ويا

ڪاليج ۾ هوٺا پوڪي پاڪستان جي سلامتي لاءِ دعائون گهريون ويون

نئون ديرو (رپورٽ شاهه محمود پٺو) پوري ملڪ جيان نئون ديرو ۾ پاڪستان جو 76 هون جشن آزادي جو ڏهاڙو جوش، جذبي سان ملهايو ويو. جشن آزادي جي ڏهاڙي تي نئون ديرو جي گورنمينٽ پرائمري بوائز ۽ گرلز اسڪولن، گورنمينٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

نئون ديرو : جشن آزادي جي تقريب دوران ورتل فوٽو

خانپور ۾ صحافي شهيد جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاريءَ لاءِ احتجاجي مظاهرو

محمد عاصر ڏايو، صحافين صفي الله سيٺار، زبير ابڙو، محمد پريل ابڙو، بهادر علي ٻرڙو، عتيق الرحمان ابڙو، امجد علي آرائين ۽ ٻين احتجاج ڪيو

شهيد جان محمد مهر کي مصروف ترين روڊ تي سکر ۾ گولين جو ڪاچ بڻائي شهيد ڪيو ويو آهي پوليس ڪٿي هئي جا دهشتگردن کي ڇوٽ مليل آهي : اڳواڻ

شهيد جان محمد مهر جي قتل جي جاچ ڪرائي قاتلن، سهولتڪارن ۽ قتل جي پلاننگ ڪندڙن کي رائڪو ڪري شهيد جان محمد مهر جي خون سان انصاف ڪيو وڃي

خانپور (عتيق ابڙو) سينيئر صحافي شهيد جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاريءَ لاءِ خانپور پريس ڪلب خانپور رجسٽرڊ پاران احتجاج ڪيو ويو سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن جي شرڪت، سينيئر صحافي شهيد جان محمد مهر جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

خانپور : صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

جماعت اسلامي جي صوبائي اڳواڻ
عبدالحفيظ بجاراڻي جي قيادت ۾ صحافي
جان محمد مهر جي وارثن سان تعزيت

ڪراچي (رپورٽر) امير جماعت اسلامي سراج الحق جي هدايت تي صوبائي اڳواڻ عبدالحفيظ بجاراڻي جي قيادت ۾ جماعت اسلامي جي وفد چڪ شهر پهچي ڪري شهيد صحافي جان محمد مهر جي وارثن سان تعزيت، درجات جي بلندي ۽ پوئٽرن لاءِ صبر جميل جي دعا ڪئي، جڏهن ته سراج الحق ۽ محمد حسين محنتي پڻ فون تي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

نوشهروفيروز ۾ صحافي جان محمد مهر جا قاتل گرفتار نه ڪرڻ خلاف احتجاج

3 ڏينهن گذري ويا آهن پر نااهل پوليس ڪک پيچي هيٽو نه ڪيو آهي : مظاهرين

سنڌ ۾ صحافين کي حق سچ لکڻ وارن صحافين کي حق سچ لکڻ جي سزا ڏني پئي وڃي

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) سکر جي بهادر صحافي جان محمد مهر جا قاتل گرفتار نه ڪرڻ خلاف نيشنل پريس ڪلب نوشهرو فيروز اڳيان سنڌ صحافي اتحاد پاران ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي ۽ نيشنل پريس ڪلب پريس ڪلب تي ڪارا جهنڊا چاڙهي ان موقعي تي نيشنل پريس ڪلب جي صدر پير ظفر تگر ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته 3 ڏينهن گذري ويا آهن پر نااهل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

مانجهند ۾ ڪنڀي گهر ڪيل ڳورهاري عورت جي آزادي لاءِ حاجاڻا برادري احتجاج، علامتي بک هڙتال

جوابدار مڙس شير محمد حاجاڻو جي عيوضي ۾ مبينا ڪنبيل 8 مهينن جي ڳورهاري گهرواري حسنا حاجاڻو جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو ويو

سي آءِ اي پوليس نواب شاهه جوابدار شير محمد حاجاڻو جي عيوضي ۾ گهر تي چڙهائي ڪري بيگناهه ڪنبي گهر ڪري ڇڏيو آهي : مظاهرين

ٽريڪٽر ٽرالي جي چوري جي ايف آءِ آر ڏيکاري ڳوٺ پٽ ڪاڇي ۽ ڳوٺ ابڙا ۾ گهرن تي چڙهائي ڪئي پر ڪا گرفتاري ظاهر نه ٿي سگهي

مانجهند (رپورٽ مهراڻ عمراڻي) ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

مانجهند: حاجاڻا برادري جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

محمد خان مجيئي سنڌ
محاذ پاران احتجاجي
مظاهرو، سخت نعريبازي

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر مظفر علي بروهي) ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

سکر ۾ شهيد جان محمد مهر جي قاتلن، سهولتڪارن ۽ سرپرستن جي گرفتاري لاءِ سڄان ڏينهن سراپا احتجاج

صحافي، وڪيل، سياسي، سماجي، شهري ۽ واپاري تنظيمون سراپا احتجاج بڻجي ريلي ڪڍي ڌرڻو هڻي سخت نعريبازي ڪئي

شهيد جان محمد مهر سموري سنڌ جي مظلوم ماڻهن جو آواز هو، سرعام گولين هڻي قتل ڪرڻ مذمت جوڳو عمل آهي : مظاهرين

معاملي جو نوٽيس وٺي شهيد جان محمد مهر جي قتل واري واقعي جي جاچ اعليٰ سطحي جوڊيشل انڪوائري لاءِ جي آئي ٽي جوڙي وڃي

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) سينيئر صحافي شهيد جان محمد مهر جي قاتلن، سهولتڪارن ۽ سرپرستن جي گرفتاري لاءِ صحافي، وڪيل، سياسي، سماجي، شهري ۽ واپاري تنظيمون سراپا احتجاج بڻجي ويون سکر پريس ڪلب کان احتجاجي ريلي ڪڍي ايس ايس پي آفيس آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هڻي سخت نعريبازي ڪئي، سکر يونين آف جرنلسٽس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

محرابپور ۾ صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاجي مظاهرو

ضلعي جي سوين صحافين سنڌ صحافي سنگت سنڌ جي مرڪزي وائيس چيئرمين بچل هنگورو ۽ ٻين احتجاج ڪيو

جان محمد مهر سري عام گولين جو بک بڻائي شهيد ڪيو ويو پر پوليس قاتلن کي گرفتار نه ڪري سگهي آهي : مظاهرين

نوٽيس وٺي شهيد جان محمد مهر جا قاتل گرفتار ڪيا وڃن نه ٻئي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

محرابپور (رپورٽر مجاهد علي سامٽيو) سکر جي شهيد صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ ڏنل مرڪزي ميڊيا هائوس محرابپور جي سڏ تي نوشهروفيروز ضلعي ۽ خيرپور ضلعي جي سوين صحافين سنڌ صحافي سنگت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

محرابپور : صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

دادو : جهلو پوليس پڪٽ جي وڏي
منڇي سڪندر علي گوپانگ جي پٽ
تي سرڪاري فرياد تي ڪيس داخل

دادو (ن سنڌيار) دادو پرسان جهلو پوليس پوسٽ تي دادو پوليس جي سرڪاري وائرليس سيٽ تان ايس ايس پي دادو سڏائي وڏي منڇي ۽ ٻئي عملي جي بدلي جا حڪم جاري ڪرڻ تي جهلو پوليس پڪٽ جي وڏي منڇي سڪندر علي گوپانگ جو پٽ سائڪو جهانگير علي گوپانگ تي جهلو پڪٽ تي سرڪاري فرياد تي گناهه نمبر 21.2023 /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

سجاول ۾ 14 آگسٽ جشن آزادي جو ڏهاڙو جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو

اسان 14 آگسٽ جشن آزادي جو ڏهاڙي کي هميشه عيد جي ڏهاڙي وانگر ملهائيندا آهيون : اڳواڻ

شهيدن مجاهدن ۽ غازين کي ڀيٽا پيش ڪريون ٿا جيڪي ملڪ لاءِ پنهنجي جان جو نظرانو ڏنو

اسان سڀ پاڪستاني قوم آهيون 14 آگسٽ جشن آزادي جو ڏهاڙي کي هميشه عيد جي ڏهاڙي وانگر ملهائيندا آهيون

سجاول (ڊ ر) سڄي ملڪ جيان سجاول ۾ به 14 آگسٽ جشن آزادي جو ڏهاڙو جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي سڏ تي پ پ پ ضلع سجاول پاران ضلع صدر رئيس محمد علي خان ملڪاڻي جي حڪم موجب پ پ پ جي سابقه ايم پي اي هيرسوهو ۽ ضلع انفارميشن سيڪريٽري منظوررحيم پليجو جي اڳواڻي ۾ 14 /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

جاتي جي مختلف شاخن جي آبادگارن پاران پاڻي جي ڪوٽ خلاف ڌرڻو

مختلف شاخن شيرخان، گڏهاپ، جاتي مائينر، بيگناهه ۽ ٻين شاخن جي آباگارن عادل لغاري، ممتاز ٿهمور، طيب ڏيرو ۽ ٻين احتجاج ڪيو

تعلقه جي وڏين شاخن ۾ پاڻي نه ڇڏڻ جي ڪري اسان جا ساريالو ٻيجا سڪي ختم ٿي ويا، پاڻي جي ڦڙي لاءِ سڪي رهيا آهيون : آبادگار

مٿي ٻوڏ جهڙي صورت حال پيدا ٿي وئي آهي پر هتي اسان کي پيئڻ لاءِ پاڻي نٿو ملي، جڏهن ٻوڏ اچي ٿي ته اسان کي هتڙادو ٻوڙهيو وڃي ٿو

جاتي (رپورٽ ممتاز علي ٿهڙيو) جاتي جي مختلف شاخن جي آبادگارن پاران پاڻي جي ڪوٽ خلاف ڌرڻو هنيو ويو، سجاول ۾ تعلقه جاتي جي مختلف شاخن شيرخان، گڏهاپ، جاتي مائينر، بيگناهه ۽ ٻين شاخن جي آباگارن عادل لغاري، ممتاز ٿهمور، طيب ڏيرو، محمد خان چانڪو، غلام علي سميجو، غلام حسين داڙيو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ايريگيشن آفيس سجاول اڳيان ڌرڻو هنيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

جاتي : پاڻي جي ڪوٽ خلاف آبادگار احتجاج ڪري رهيا آهن

دادو پوليس جو اي ايس
آئي نواب علي سولنگي
بيماري سبب فوت ٿي ويو

دادو (ن سنڌيار) دادو پوليس جو اي ايس آئي نواب علي سولنگي بيماري سبب فوت ٿي ويو آهي، سندس تدفين اباڻي قبرستان درگاهه ڇوڙهن شهيدن ۾ جنازي نماز بعد ڪئي وئي آهي جنازي نماز ۾ پوليس ڊپارٽمينٽ جي عملدارن، ڳوٺاڻن شرڪت ڪئي، مرحوم جو تڏو دادو ملاح چوڪ تي وڇايو ويو آهي، جتي سندس وارثن سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي...

ٽنڊو محمد خان ۾ صحافي شهيد جان محمد مهر جي قتل واري واقعي خلاف احتجاجي مظاهرو

پريس ڪلب جي چيئرمين غلام نبي ڪيريو، پريس ڪلب جي جنرل سيڪريٽري مظفر رند، رائو غلام حسين ۽ ٻين احتجاج ڪيو

فوري طور شهيد جان محمد مهر جي قتل ڪيس جي اعليٰ سطح تي جاچ ڪرائي جوابدارن کي گرفتار ڪرائڻ گهرجي : مظاهرين

نگران صوبائي حڪومت کي فوري طور شهيد جان محمد مهر جي قتل ڪيس جي اعليٰ سطح تي جانچ ڪرائي ڪئي وڃي

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان ۾ سکر جي بهادر سينيئر صحافي شهيد جان محمد مهر جي قتل واري واقعي ۾ ملوث جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ٻي ڏينهن به پريس ڪلب آڏو صحافين احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي، احتجاج ۾ شامل پريس ڪلب جي چيئرمين غلام نبي ڪيريو، پريس ڪلب جي جنرل سيڪريٽري مظفر رند، رائو غلام حسين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

✽✽✽ روزاني سنڌيار ڪراچي سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس نمبر 807 ٽريڊ ٽاور عبدالله هارون روڊ ڪراچي مان پڌري ڪئي وئي✽✽✽ رابطي لاءِ: 02135650370، فيڪس: 02135650371

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
اربع 16 آگسٽ 2023ع

عوام جي مرضيءَ کي فتح ڪرڻ واري خام خيالي!

لڳي ايئن ٿو ته سنڌ جو ڪچو ڄڻ ته ڌاڙيلن "فتح" ڪري ورتو هجي، جو اتي انهن جوئي سِڪو هلي ٿو ۽ سنڌ پوليس ان "مفتوح" علائقي ۾ ڪنهن "احترامِ باهمي" واري اڻ لکيل ۽ اڻ اعلانيل معاهدي طور اوڏانهن وڃڻ ۽ قانون جي عملداري قائم ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي. روز ماڻهو اغوا پيا ٿين. انهن تي بدترين تشدد واريون وڊيوز سماجي ميڊيا تي پيون رکيون وڃن. پر سنڌ پوليس جي عوام جي ٽيڪسن تي چٽي ڀٽيل نا اهل نفري ڪو تحرڪ وٺڻ لاءِ تيار نه آهي! ڪنڌڪوٽ ۾ انڊس هاءِ وي تي پيٽرول پمپ تي حملو ڪري ڪيشيئر کي اغوا ۽ مزاحمت ڪندڙ هيلپر کي زخمي ڪري ڌوهاري بنا ڪنهن قانون جي روڪ ۽ رنڊڪ جي آزاديءَ سان فائرنگ ڪندي هليا ويا. بدامني ايتري جو سکر ۾ سينيئر صحافي جان محمد مهر کي آفيس کان گهر ڏانهن ويندي ڌوهاري انڌا ڌنڌ فائرنگ ڪري قتل ڪرڻ ڪانپوءِ فرار ٿي ٽا وڃن. ڪرمپور ويجهو بگٽي برادريءَ جا 2 ڄڻا ڌاڙيلن جي حملي ۾ قتل ٿي وڃن ٿا ۽ 2 ڄڻا اغوا ڪيا وڃن ٿا پر پوليس عوام جي تحفظ جي ذميواري پوري ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي.

ڌاڙيلن ۽ امن دشمن ماڻهن جو ان سان ڇا وڃي ته سنڌ ۾ ڪنهن جي حڪومت آهي؟ حڪومت ڪنهن جي به هجي، هر حڪومت ۾ ته پوتارن جي "ڄڻ ڄڻ" هوندي آهي. انهن جي "ڀاڳ ۽ بخت" جو سج ڪڏهن به نه لهندو آهي. ڇو ته اهي "اليڪٽيبلز" به ٿي سگهن ٿا يا وري اقتدار جي مسند تي پهچائيندڙ ڏاڪڻ جو ڪو مضبوط ڏاڪو به. جن تان قانون جهار پيو هڪليندو آهي ۽ انهن کي ڪوسو واءُ لڳڻ نه ڏيندو آهي. ڇو ته اهي ڏوهن جي سرپرستي ڪندڙ هوندا آهن. ڏوهه ئي انهن جي معيشت آهي ۽ بس پوتارن جي سر جو خير هجي ته ڌاڙيلن ۽ امن دشمن ماڻهن لاءِ به خيرئي خير هوندو آهي. پوءِ ڀلي عام ۽ بي پهچ ماڻهو خير جي خبر لاءِ سِڪي ڇو نه وڃن! پوليس اڪثر ڪري انهن ئي پوتارن جي فرمائش تي مقرر ٿئي ٿي، جيڪا انهن جي رعب تاب، جاهه ۽ جلال واري پروٽوڪول، انهن جي ايجنڊا جي تڪميل سان گڏ پنهنجي "ايجنڊا" جي به تڪميل ڪندي رهي ٿي. اهي پوتار پوليس لاءِ ڏاتار ۽ "اَن داتا" آهن. پوليس ڪيئن ڀلا انهن جي سرپرستيءَ هيٺ هلندڙ ڏوهن واري جهان ۾ رخنو وجهندي؟ ڳالهه ايتري به سادي نه آهي ۽ صفا ائين به ڪونهي ته زمانو انهن پوتارن جي مرضيءَ سان ساهه کڻي ٿو. وقت جي سُئي به پوتارن جي مرضيءَ سان ٽِڪ ٽِڪ ڪري ٿي! اهي پوتار به انهن قوتن جا "ڏن_ پرو" راڄا آهن. جيڪي قوتون سنڌ جي ماڻهن جي وڌيل شعور کان خائف ۽ خوفزده آهن. ان تناظر ۾ ڏسجي ته سمورا ڪردار انهن قوتن جي مرضيءَ واري ايجنڊا جي تڪميل لاءِ ئي جُنبيل نظر ايندا. انهن جوئي آواز اقتدار جي غلام گردشن کان وٺي چوڌيل ايوانن تائين "ايمپليفاءِ" ٿئي ٿو باقي عام ماڻهو. اهي ته اغوا ٿين ٿا، تشدد برداشت ڪن ٿا. ڌاڙيلن جي گولين ۽ گارين جو کاڄ ٿين ٿا (گولين ۽ گارين به ساڳي ڳالهه ته آهن). انهن کي ڪير ٿو پڇي!!

سنڌ ۾ صحافي ٽارگيٽ ڪلنگ جو نشانو بڻجي رهيا آهن. سياسي ۽ ساڃهه وند ذهن اڻ ڏٺل عقابن ذريعي جهٽجي رهيا آهن. عام ماڻهو ڌاڙيلن هٿان اغوا ٿي رهيا آهن. سياسي ڏريون اقتدار جي قيمت تي سنڌ جا حق تيـن وال ڪري رهيون آهن. ڪير آهي، جنهن کي عوام جو لاچار هجي! ڀلي ان مفروضي کي سچ سمجهيو وڃي ته عوام جي يادداشت ڪمزور آهي. ڀلي ائين سمجهيو وڃي ته پرڪشش نعرن سان عوام جي ڪاوڙ کي ماٺو ۽ ان جي مرضيءَ کي فتح ڪري سگهجي ٿو. پر اها ڳالهه نه وسارڻ گهرجي ته عوام جي ٻانهن ۾ ڇتَ پٽڻ سان هٿڻ جيترو ٻَل اڄ به موجود آهي. رڳو ان جي سڄاڳ ٿيڻ جي دير آهي. ان ڪري اجائي خام خياليءَ مان نڪرڻ گهرجي.

موسمياتي تبديلون، ٿر هميشه لاءِ سائو ٿي ويندو!

ليکڪ اعجاز مهر

موسمياتي تبديلين بابت مون تازو هڪ تحقيقي رپورٽ پڙهي، جنهن کان ڪافي متاثر ٿيس. جيتوڻيڪ اڄڪلهه ريگولر لکڻ ڇڏي ڏنو اٿم پر هن رپورٽ مونکي هي مضمون لکڻ تي مجبور ڪيو.

ڀارت ۾ ٿيل تازي تحقيقاتي رپورٽ ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته انڊين اوشن ۾ وڌندڙ گرمائش سبب موسمياتي تبديلين برسات جو پيٽرن ئي تبديل ڪري ڇڏيو آهي. جنهن سبب پاڪستان ۽ انڊيا جي سرحدن وارو ريگستان يعني ٿر ڊزرٽ هڪ صدي ۾ ختم ٿي ويندو ۽ هميشه لاءِ ٿر سائو، سکيو ۽ ستابو ٿي ويندو

هي اسٽڊي رپورٽ ٽنوي ڊِتا گپتا ۽ پويندا ناٿ گوسوامي گڏجي لکي آهي. هن اسٽڊي لاءِ فنڊنگ ڀارتي حڪومت فراهم ڪئي. دنيا جا موسمياتي ماهر جيڪي آمريڪا جي يونيورسٽين ۾ پڙهائين ٿا انهن جي راءِ ۽ ڏکڻ ايشيا ۾ گذريل 50 سالن کان ٿيندڙ برسات ۽ موسمياتي تبديلي جي اثرن جي ڊيٽا جو اڀياس ڪرڻ بعد اهو نتيجو ڪڍيو آهي ته 'گريٽ ڊزرٽ آف انڊيا' جيڪو دنيا ۾ وڌيڪ آبادي وارو ريگستان به آهي، ايندڙ هڪ صدي تائين مڪمل ختم ٿي ويندو.

ڀارت ۽ پاڪستان وارو ٿر انڊس ويلي سويلائيزيشن جي ماءُ به سمجهيو ويندو آهي. اسٽڊي موجب هي علائقو (بشمول پاڪستاني خاص ڪري سنڌ جو ٿر) هميشه لاءِ سائو ٿيندو ۽ خطي جي فوڊ سيڪيورٽي جون ضرورتون پوريون ڪندو

اسٽڊي ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته پنج هزار سال پراڻي ۽ دنيا جي پهرين سنڌريل ثقافت واري انڊس ويلي سويلائيزيشن جو اوج سرسوتي نديءَ جي سڪڻ ۽ ان دور جي موسمياتي تبديلين سبب ختم ٿيو. جنهن جو وڏو سبب برسات جو سلسلو اتر اولهه کان اتر اوڀر پاسي منتقل ٿي ويو. جيڪو هاڻي واپس اتر اولهه طرف موٽي رهيو آهي.

رپورٽ موجب هلندڙ صدي جي آخر تائين ٿر سائو ٿي ويندو. مون سون جون بارشون برصغير جي اتر اولهه طرف وڌيڪ پوڻ جو سلسلو شروع آهي. جنهن جو مقدار ايندڙ وقتن ۾ اڃا وڌندو ويندو. اتر اولهه وارن علائقن ۾ فضا ۾ نمي به 50 سيڪڙو تائين وڌي آهي.

موسمياتي سائنسدان شينگ پنگ شي، جيڪو اسڪريس انسٽيٽيوٽ آف اوشنوگرافي سان سلهاڙيل آهي پر هن ريسرچ جو حصو نه هو تنهن جو چوڻ آهي ته هاڻي ٿر ۾ پوڏون ايندڙين ۽ هڪ ارب ماڻهو متاثر ٿي سگهن ٿا. هن 2022 ۾ پاڪستان اتر اولهه وارن علائقن (سنڌ ۽ بلوچستان) ۾ مون سون جي تباهه ڪن برسات جو حوالو ڏيندي چيو آهي ته ان سبب 80 لک ماڻهو بي گهر ٿيا. 15 ارب ڊالر جي پراپرٽي جو نقصان ٿيو ۽ 90 لک ماڻهو غربت جي لڪير کان هيٺ هليا ويا.

مونکي حيراني اڳ وقت ٿي ته دنيا ۾ موسمياتي تبديلين بابت ٿيل اڪثر اسٽڊيز ۾ اهو چيو ويو آهي ته موسمياتي تبديلين ۽ گلوبل وارمنگ سبب ريگستانن ۾ اضافو ٿيندو ۽ مثال طور اتر آفريڪا جي صحارا ڊزرٽ بابت چيو ويو آهي ته 2050 تائين ان ۾ 6 هزار ڪلوميٽر هر چورس سالياني واڌ ٿيندي رهندي. اهڙي ماحول ۾ هن اسٽڊي ۾ چيو ويو آهي ته گريٽ ڊزرٽ آف انڊيا ختم ٿي ويندو ۽ اهو سائو ٿي ويندو. يقينن حيران ڪن ڳالهه آهي پر اها ڳالهه موسمياتي سائنسدانن ڪئي آهي جنهن سبب يقين پختو پيو لڳي ته نيچر موٽ کائي رهي آهي.

هن رپورٽ جي ڪو آٿر مسٽر گوسوامي جيڪو ڪانڻ يونيورسٽي ۾ ميٽرولاجسٽ آهي، تنهن جو چوڻ آهي ته انڊيا جي ريگستاني علائقي ۾ هاڻي کان رٿا بندي ڪرڻ گهرجي. ترائين ۾ پاني گڏ ڪرڻ لاءِ ننڍا ننڍا ڊيم ٺاهڻ گهرجن جنهن سان گرائونڊ واٽر ليول به بهتر ٿيندي ته جر به مٺو ٿيندو

آمريڪا جي اٽا يونيورسٽي جي پروفيسر شهه يو وينگ به پاڪستان ۾ 2022 جي ٻوڏ جو حوالو ڏيندي خبردار ڪيو ته شديد بارشن سبب جيڪي نقصان ٿين ٿا انهن جي روڪٿام لاءِ به اپاءُ وٺڻ گهرجن جيئن گهٽ کان گهٽ نقصان ٿي سگهي، تمام گهڻين بارشن جو هي سلسلو ايندڙ سالن ۽ ڏهاڪن ۾ وڌندو رهندو ان لاءِ وڏي پيماني تي رٿا بندي جي ضرورت آهي.

رپورٽ تمام وڏي آهي، دلچسپي رکندڙ دوستن لاءِ مان هتي لنڪ شيئر ڪريان ٿو.

پاٻوهي هيڪارَ، مون کان پُڇيو سڄڻين:
اَلَسـتُ بِـرَبِّـڪُـمۡ، چَيـائـون جنـهـن وارَ:
سَنـدي سـورَ ڪِـنـارَ، تَنَ تَڏهانـڪُون نـه لـهـي.

فارين فنڊنگ ۽ اڪائونٽن جي ڇپا ڳاڇا

رياض ابڙو

فارين فنڊنگ جي سلسلي ۾ پي ڊي ايم جيڪي اعتراض جمع ڪرايا هئا انهن تي اليڪشن ڪميشن وٽ ڪاغذن جي جاچ پڙتال لاءِ پي ٽي آءِ پنهنجي دور ۾ آڊٽ ٽيمن کي ڪا به مداخلت ڪرڻ نه ڏني هئي. هنن پي ٽي آءِ وارن جي ته اها ڪوشش هئي ته هنن جي خاص ماڻهن جا نالا هي مبهم رکيا وڃن. جن جي جاچ پڙتال لاءِ هي پي ٽي آءِ وارا ڪنهن به وسيلي ۽ سفارش کي مڃڻ لاءِ تيار ئي نه هيا. هنن پي ٽي آءِ وارن جي اها به ڪوشش هئي ته اسٽيٽ بئنڪ آڊٽ ٽيم کي اها اجازت ڏئي ته هو بئنڪ اڪائونٽن جي خلاف "ايڪشن" وٺن ۽ هي انهن اڪائونٽن جي تفصيل حاصل ڪن جن ۾ پي ٽي آءِ وارن کي ٻاهرين ملڪن مان فنڊ پئي مليا. جن ۾ "يو اي اي" کان علاوه يورپ جي ملڪن جي ڪمپنين، ادارن ۽ ايجنسين به سپورٽ حاصل ڪئي وئي هئي ته اهي ڀلي نئون پاڪستان ٺاهن. ڇو ته هنن وٽ اهڙي نئين پاڪستان ٺاهڻ جي لاءِ ملڪي رقم يا اهڙي ڪا ڏراوت موجود نه هئي جنهن سان هي پنهنجي چونڊن جا خرچ ڪاٻار هلائي سگهن هان. هنن ته اهڙيون ازدها اسٽيجون، اهڙا فنڪار، اهڙا ڳانا ۽ گيت ٺهرايا هيا جيڪي ماڻهن جي رت کي گرمائي سگهن جيڪي ٻڌڻ سان ماڻهن جا لڱ ڪانڊارجي وڃن ۽ انهن ۾ احساس پيدا ٿئي ۽ ماڻهو رڳو پي ٽي آءِ کي ووٽ ڪن ۽ پي ٽي آءِ جي بلي بلي ٿئي ۽ نون ليگ ۽ پي پي سميت سيني پارٽين ماڻهن جي نظر ۾ ڪِري پون ۽ هي وري ڪٽي وڃن يا هر هر رڳو هنن جي جيت ٿئي ۽ ماڻهو اهو سمجهن ته هي نون ليگ وارا ڪوڙا آهن ۽ هي پي پي وارا سڀ جا سڀ چور آهن ۽ هنن واقعي ئي ملڪ کي لٽيو ڦريو آ. هنن سيني جا ٻاهرين ملڪن ۾ اثاثا آهن. هنن جون ٻين ملڪن ۾ فيڪٽريون، بنگلا، فليٽ، گاڏيون ۽ بئنڪ بيلنس موجود آهن. هنن اهي مني لانڊرنگ ڪري پئيسو ٻاهرين ملڪن ۾ موڪليو آ. هاڻي ڀلا جي اهو سڀ ڪجهه سچ آهي ته اهي سڀ بئنڪ بيلنس، فليٽ ۽ بنگلا ۽ ٻين ٻاهرين ملڪن ۾ دولتون آهن ته پوءِ انهن مال ملڪيتن جا نشان ۽ ثبوت ڪٿان اچن. انهن جي ثابتي ڪير ڪندو يا سلطاني گواهه ڪٿان اچن. انهن جي ڦشري ڪير ڪندو. ڳالهه پوءِ اهڙي ڪجي جيڪا پوري به ڪري سگهجي جنهن ۾ وزن به هجي، جنهن ۾ اهو ثابت ڪري سگهجي ۽ پي ٽي آءِ جا سڀ ڪم سولا ٿين. پر رڳو ان ڳالهه تي ماڻهن کي چريو ڪرڻ، رڳو ان ڳالهه تي ماڻهن ۾ نفرتون ڦهلائڻ، رڳو اهڙيون ڳالهيون ڪري سياسي فائدا حاصل ڪرڻ ڪٿان جي شرافت هئي. پر اها ڳالهه گهٽ ۾ گهٽ هڪ مدت ۽ عرصو ڪائيندي جو اهي سڀ ڳالهين کا ٽين ڏراچي ۽ اهو ثابت ڪري ته پي ٽي آءِ وارا اهي سڀ ڪوڙ بدوڙ هئي، سياسي چونچلا ڇڏي، ماڻهن جي دل ۾ سيني پارٽين جي لاءِ نفرتون پيدا ڪري ڪرسي وٺي ويا.

ڳالهه ته پڌري پٽ پئي آ ته جيڪي به ضمني ۽ هاڻوڪيون بلدياتي اليڪشنز ٿيون انهن ۾ ته پي ٽي آءِ کي سنڌ ۽ ڪي پي ۾ به شڪست ملي ۽ اهڙيون شهري سياسي پارٽيون ۽ گروهه جيڪي بيلٽ باڪس ڀري پنهنجي ماڻهن کي ڪٽرائينديون هيون جن جا هزارين ۽ لکين ووٽر نڪري ايندا هيا جيڪي ٺپن هڻڻ جا ماهر هوندا هيا اهي به 2018 ۾ مات ڪائي ويا ۽ هنن پي ٽي آءِ وارن وري اهڙي اٽڪل هلي جو رڳو بيلٽ باڪسز جي ڪٽيل ڌبن جي ڳٿڻ يا سيڪڙي واري شماري ڪرائي پنهنجون پنهنجون سيٽون واري ويا ۽ کٽي ويا. ۽ هاڻي خبر ناهي ته ڪهڙي اٽڪل هلندا جو جيل ۾ هوندي هنن جا ڪارڪن ڪهڙي حرفت سوچي ويٺا آهن. جي هي واقعي ئي ايڏا ڀلا آهن ۽ هنن واقعي جي ماڻهن جي سُک ڏک جي ڳالهه ڪئي هئي ۽ هنن واقعي جي بهترين سياست ڪئي هئي، يا هنن جي سياست جي ايڏي ڀلي هئي ته پوءِ هي ضمني ۽ بلدياتي چونڊن ۾ به کٽن هان. هنن جي جيت ٿئي هان ۽ مخالفن جي هار ٿئي هان. پر هنن جي سياست ڪوٽي هئي. هي ماڻهو سرڪار ۾ به رهي ماڻهن جا ڪم نه ڪري سگهيا. هي ماڻهن جي درد جو درمان ٿي نه سگهيا ته پوءِ اهڙن سياسي حريفن کان ته بس ڀلي آ. مڃون ٿا ته پناماليڪس ۾ نون ليگ جا ڪوڙ ثابت ٿي پيا ۽ نون ليگ وارن کان جيڪي سياسي حرفتون نه ٿي سگهيون انهن ۾ "ڪيلبيري فونٽ" به هيا. پر گهٽ گهرجا پي ٽي آءِ وارا به ته ناهن جو انهن سڀ "ڪاڳريٽ" لڪائي رکي ڇڏيا آهن ڇو ته هنن کي اهو خوف هيو ته هنن جي سرڪار هوندي هنن تي ڪا به تهمت نه اچي ۽ سرڪار وڃڻ ڪانپوءِ اهي سڀ ڦشڙيون ٿين جيڪي تڏهن لڪايون ويٺا هيا (۽ شڪ هيو ته حڪومت وڃڻ ڪانپوءِ هي ته لپندائي نه ۽ ٿيو به ائين) هنن وٽ ڀٽيون شهريتون آهن هي ايڏا حرفتي آهن جو ڪنڊ ۽ اٽي جو بحران ڪرڻ ڪانپوءِ هنن جهانگيرترين کي لڪائي ڇڏيو هيو ۽ اسڪرين تان غائب ٿي ويا هيا. وري جڏهن صوابديدي فنڊن جي ديڳ لاٿي هين تڏهن سڀ ٻرڙن مان ٻاهر نڪري آيا هيا. ۽ ائين ئي جڏهن حڪومت هلي وين تڏهن هي سڀ گر به ٿي ويا.

20 جنوري تي خان جي ڪيل وانا ۾ هڪ تقرير ان ڳالهه جو ثبوت هئي ته هي ايترا ته ڊنل آهن جو اليڪشن ڪميشن جي ماڻهن جي مٿان به پريشر هڻيون ويٺا هيا ته اهي ڪنهن به صورت ڪا به ڳالهه ظاهر نه ڪن. هنن جي فرنٽ لائين اڪائونٽ هولڊر جن جي اڪائونٽ ۾ پئيسا ۽ بئنڪ جا چيڪ ايندا رهيا انهن جي ڪول نه ٿئي. هي خان ته ڪا ڳالهه مڃي ئي نه پيو ۽ ڦيري ڪاٽڻ ۾ ته مشهور هيو ته هي پنهنجي ڪيل ڳالهه تان گهڙي ۾ ڦري ويندو آ. ۽ ساڳي ڳالهه تي جو هن 2018 ۾ چونڊن کٽڻ لاءِ به ڪوڙ بدوڙ هڻيا ۽ وري صوابديدي اختيار استعمال ڪندي ڪي پيءُ جي وزيرن کي جيڪي پئيسا آڇيا هيائين ته مٿان اهي 2019 جي سينيٽ جي اليڪشن ۾ ڦري نه وڃن ۽ انهن کي پئيسن جي صورت نوازجي. پر وري جڏهن ڪورٽن هن کي طلب ڪيو ته هي پنهنجي ڳالهه تان ڦري ويو ته هن ڪنهن به آفيشل ليٽر تي صحيح ناهي ڪئي نه ئي هن ڪنهن کي پئيسا ڏنا به آهن. ان جي جاچ پڙتال جي لاءِ ڪورٽن صوبائي سيڪيٽرين کي به لکيو هيو ته اهي اهڙي پئيسن جي چرپر تي اک رکن. ايسٽائين جو "آئي جي پي" جي چيئرمين کي به ڪورٽن انتباهه ڪيو هيو ته اهي اهڙي نظرداري ڪن ته جيئن اهي قومي خزاني جا پئيسا لٽجي ڦرجي نه وڃن. ۽ پي ڳالهه ته نومبر 2014 کان فارين فنڊنگ جي ڪيسن جي شنوائي هلي هلي نيٺ رکجي وئي هئي ۽ پي ٽي آءِ پنهنجو اثر ڏيکاريو. پر 1962، 2004 ۽ 2017 جي اليڪشن ايڪٽ تحت ڪا به پارٽي ڪنهن به ملڪ، غير ملڪي ماڻهو، ايجنسيءَ ۽ اداري يا ٻي ٻاهرين حڪومت کان پئيسا نه ٿي وٺي سگهي جيڪي اليڪشن جي کٽڻ ۾ ڪا مدد ڪري يا ڪنهن صورت اهي مددگار ثابت ٿين. پر خان صاحب ته اهڙن قانونن جي پرواهه ئي نه ڪئي هئي، ڇو ته هنن کي هر صورت نئون پاڪستان ٺاهڻو هيو. هنن کي اهڙي قانون جي خبر ئي نه هئي (يا هئي به) ڇو ته حڪومت ۾ رهي به هي خان اڻ ڄاڻ هيو. هن کي ڪا به خبر نه پئي ته ڪهڙي شيءِ قانون جي دائري ۾ آهي ۽ ڪهڙي شيءِ آرٽيڪل جي زمري ۾ اچي ٿي. يا ڪهڙي شيءِ لاپاتي آهي ۽ ڪهڙي ناهي.

هن جون بس دڦ تي بندوقون هيون. هي سڄو ڏينهن چورچور ڪرڻ وارو ان جوش سڀ ڪجهه ڪري ويو ۽ فرنٽ لائين شخصن سميت ٻين 27 ماڻهن کي پگهار تي رکي هلائيندو آيو ۽ 4000 هزار ٻيا ماڻهو جيڪي پنهنجن اڪائونٽن ۾ پئيسا گهرائي هن جي مُک 27 ماڻهن جي اڪائونٽن ۾ پئيسا جمع ڪري وري خاص چئن ماڻهن جي اڪائونٽن ۾ پئيسا ڦيرائيندا آيا (جن جا نالا هي اڃان تائين راز ۾ رکندا ٿا اچن) ۽ جڏهن انهن جي مٿان آئي ته هي خان کي به نه بچائي سگهندا. اليڪشن ڪميشن جي جاچ پڙتال ڪانپوءِ اهي اڪائونٽن جي ڇپاڳاڇا اسٽيٽ بئنڪ جي اجازت ڪانپوءِ وري آڊٽ فرمن، ۽ وري نيب جي واري ۾ ايندا ۽ تيستائين هي گاڏر گيڙي نه سگهندا. پوءِ پيا اڪائونٽ هلن يا جانچ پڙتال پئي هلي. جولاءِ 2011 جي پي ٽي آءِ جي ميٽنگ ۾ ۽ وري 9 مارچ 2013 جي جاچ پڙتال ۾ اهو واضع هيو ته هنن ٻين ملڪن کان پئيسن جي مدد ورتي آهي جيڪا رڳو هاڻي ڪورٽن جي توسط سان ثابت ٿيڻي آ. 27 آگسٽ 2020 تي معني 28 مهينن جي پي ٽي آءِ وارن هڪ ڪوڙي رپورٽ پيش ڪئي هئي جنهن وري هي مڃڻ کان انڪاري هيا. هاڻي ته "پيڊ ونر" جيڪو آڊٽ فرم آ اهو فارين فنڊنگ جي جانچ ۾ لڻل آ. ان فرم کي به موت جون ڌمڪيون ٿا ڏين. ان کي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڳالهيون ڪن ٿا. ۽ ايتري تائين جو اليڪشن ڪميشن جي همراهن کي جن تي هي دابو ڪري فارين فنڊنگ جو ڪيس دٻايون ويٺا هيا انهن کي پئيسن جي آڇ ڪري چڪا آهن پر تڏهين ڪجهه به نه ٿيو ان ڪري وري هنن جون فارين فنڊنگ ۾ جنگهون ڦاسنديون ضرور ان ڪري جو ڪورٽن فيصلو ته محفوظ ڪري ڇڏيو ۽ عمران خان کي نوٽيس ڪيو اٿن ته اهي پنهنجو جواب پيش ڪن نه ته ٻي صورت ۾ ڪورٽ فيصلو ٻڌائي ڇڏيندي ۽ پي ٽي آءِ جي ڦٽن تي لوڻ ٻرڪيندا.

بقايا 01

ڏنو هو پر هاڻي تصديق ڪئي وئي آهي ته نواز شريف سيپٽمبر جي وچ ڌاران پاڪستان پهچندو. ياد رهي ته نواز شريف چار سال اڳ پاڪستان کان برطانيا علاج ڪرائڻ لاءِ آيو هو. هاڻي سندس وطن واپسي جي انتظامن کي حتمي شڪل ڏني وئي آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته شهباز شريف ۽ مريم نواز پارٽي قائد نواز شريف جي واپسي لاءِ ساڻس مسلسل رابطي ۾ رهيا آهن. شهباز شريف پارٽي قائد سان ملاقات لاءِ ايندڙ هفتي لنڊن روانو ٿيندو. نواز شريف سان ملاقات لاءِ ايندڙ ٽن هفتن ۾ رانا ثناالله، خواجا آصف، جاويد لطيف، پرويز رشيد ۽ ٻيا به لنڊن ايندا. ٻئي پاسي ذريعن جو چوڻ آهي ته سپريم ڪورٽ ريويو آف ججمنٽس اينڊ آرڊر بابت تازي فيصلي سان نواز شريف جي ڪيسن تي ڪو اثر نه پوندو. نواز شريف جي وڪيلن سندس وطن واپسي تي قانوني دفاع جي تياري مڪمل ڪري ورتي آهي جڏهن ته شهباز شريف به واضع ڪري چڪو آهي ته نواز شريف جي پنج سالا نااهلي جو مدو ختم ٿي چڪو آهي. ٻئي پاسي مسلم ليگ ن جي اڳواڻ طلال چوڌري چيو آهي ته نواز شريف جڏهن به ايندو ته پارٽي تاريخ جو اعلان ڪندي. هن پنهنجي پارٽي ۾ اچڻ جو فيصلو پارٽي تي ڇڏيو آهي طلال چوڌري چيو آهي ته پاڪستان جي بهترين ٽيم نواز شريف سان گڏ آهي جيڪڏهن نواز شريف وزيراعظم آهي ته شهباز شريف ساڻس گڏ ڪم ڪري سگهي ٿو هن چيو ته نواز شريف جڏهن به آيو آهي عوام جون حالتون بدلائي ڇڏيون آهن. ن ليگ اڳواڻ چيو ته نواز شريف جي قيادت ۾ هو چونڊ مهم ۾ عوام وٽ ويندا. مسلم ليگ ن جي قيادت جو ماضي به گواهه آهي ته هن هميشه مشڪل حڪومت هلائي آهي. هن چيو ته چئن پاڻرن سان گهر سنڀالڻ مشڪل آهي. هتي 13 ڪلاس هئا. اسان 2018ع ۾ به چيو هو ته انهن کي نه آئيو جن کي ڪم ڪرڻ جي خبر ناهي.

بقايا 02

اڳ ايم ڊي ڪيٽ ٽيسٽ 27 آگسٽ تي منعقد ٿيڻي هئي. نگران وزيراعظم شاگردن ۽ شاگرديائين جي درخواست تي ايم ڊي ڪيٽ جي تاريخ ۾ توسيع جو فيصلو ڪيو. ايم ڊي ڪيٽ جي تاريخ ۾ توسيع سان شاگردن ۽ شاگرديائين کي ميڊيڪل ڪاليجز ۾ داخلا جي امتحان جي لاءِ وڌيڪ تياري جو وقت ملندو.

بقايا 03

وڃهي سگهون. منهنجو پروٽوڪول گهٽ کان گهٽ رکيو وڃي. وڌيڪ خرچ برداشت نٿا ڪري سگهون جڏهن ته عوام کي به تڪليف نه پهچي. ذريعن موجب نگران ڪابينا جي لاءِ مختلف نالن تي غور جاري آهي جن ۾ جليل عباس جيلاني، شعيب سدل، احسن ڀٽون، سرفراز بگٽي ۽ ذوالفقار چيمه جا نالا غور هيٺ آهن. ذريعن ٻڌايو آهي ته اڳوڻي اطلاعات واري وزير محمد علي دراني کي اطلاعات واري وزارت ملڻ جو امڪان آهي. ٻئي پاسي نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ چيو آهي ته ملڪ ۾ معاشي پاليسين جو تسلسل برقرار رهندو ۽ وڌيڪ معاشي بهتري آڻينداسين. نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ مختلف وزارتن جي اهم معاملن تي بريفنگ ڏني وئي، اجلاس کي خطاب ڪندي نگران وزيراعظم چيو ته عوامي ڀلائي جا منصوبا بغير ڪنهن وقفي سان جاري رهندا. اسپيشل انويسٽمينٽ فيسليٽيشن ڪائونسل تحت ملڪ ۾ پرڏيهي سيڙپڪاري وڌائڻ جا قدم نگران حڪومت جي ترجيحن ۾ شامل آهن. انوارالحق ڪاڪڙ هدايت ڪئي ته صحت ۽ تعليم جي شعبي ۾ عالمي معيار جي سهولتن کي يقيني بڻايو وڃي. پاور سيڪٽر ۾ جاري سڌارن تي عملدرآمد کي تيز ڪيو وڃي. وزيراعظم چيو ته ٽيڪس روينيو وڌائڻ لاءِ

قدمن تي سختي سان عمل ڪيو وڃي. هن چيو ته حڪومت معيشت جي بهتري لاءِ ڊي ريگيوليشن ۽ ذميوار خودمختياري تي ڌيان ڏيندي. هن چيو ته نگران حڪومت پنهنجي محدود مدي ۾ معيشت جي سڌاري تي سموريون توانائيون صرف ڪندي.

بقايا 04

پاڪستان ۾ مائڪرو فنانس جو باني تصور ڪيو ويندو آهي. سلطان علي الانه مئنيجمينٽ، مڪينيڪل انجنيئرنگ ۽ مئنيجمينٽ ٽيڪنالاجي ۾ تعليم حاصل ڪئي آهي. سلطان علي الانه قرض مان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ لاءِ سڌارا آڻڻ جو خواهشمند آهي. هن ريشي جي قدر ۾ گهٽتائي ۽ قرض ٽريپ تي مضمون لکيا. سلطان علي الانه ڪيريئر جي شروعات 1985ع ۾ سٽي بئنڪ سان ڪئي ۽ پوءِ هن گلوبل سيڪيورٽيز جي نالي سان فرم ٺاهي. هن ٻن بئنڪن ۾ ڪم ڪيو. جن ۾ سٽي بئنڪ ۽ حبيب بئنڪ شامل آهي. ڪيس 2004ع ۾ حبيب بئنڪ جو صدر مقرر ڪيو ويو.

بقايا 05

ڏئي ڇڏيو آهي. اسلام آباد جي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن عدالت 9 مئي واقعن ۾ تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان سندس گهر واري بشريٰ بي بي خلاف داخل ڪيسن جي ٻڌڻي ٿي، ڊيوٽي جج محمد سهيل 7 ڪيسن جي ٻڌڻي ڪئي. جنهن دوران بشريٰ بي بي به عدالت ۾ پيش ٿئي. ٻڌڻي دوران پراسيڪيوٽر چيو ته تحريڪ انصاف چيئرمين ڌرهاري آهي، هن وقت جيل ۾ قيد آهي جنهن تي وڪيل سلمان صفدر پراسيڪيوٽر کي چيو ته اوهان کي گهٽي تڪڙ آهي ڳالهائڻ جي. جج جاچ آفيسرن کان پڇيو ته ڇا پي ٽي آءِ چيئرمين جاچ ۾ شامل ٿيو آهي؟ جاچ آفيسر چيو ته پي ٽي آءِ چيئرمين ڪجهه هنڌن تي جاچ ۾ شامل نه ٿيو آهي. وڪيل سلمان صفدر چيو ته چيئرمين پي ٽي آءِ تي سمورن 8 ڪيسن ۾ هڪ جهڙو الزام آهي. وڪيل سلمان صفدر پي ٽي آءِ چيئرمين کي عدالت ۾ پيش ڪرڻ جي استدعا ڪري ڇڏي. سلمان صفدر چيو ته عمران خان چاهي ٿو ته اڄ عدالت ۾ غير حاضر نه ٿيو آهي. عدالت جوابدارن کي عدالت جي ڪمري ۾ روزاني جي بنياد تي طلب ڪندي آهي. جج چيو ته بشريٰ بي بي جاچ ۾ شامل ٿي وڃي، سلو ٿولوڳي ته ضمانتون رد ڪيون وڃن. جج محمد سهيل بشريٰ بي بي کي جاچ ۾ شامل ٿيڻ جي هدايت ڪري ڇڏي. جج محمد سهيل پڇيو ته پي ٽي آءِ چيئرمين جاچ ۾ شامل نه ٿيو آهي ان تي ڪهڙو جواب ڏيندا؟ وڪيل صفائي چيو ته موجوده صورتحال موجب پي ٽي آءِ چيئرمين اڄ پيش نٿو ٿي سگهي. ڪوهسار ٿاڻي جي جاچ آفيسر جي اڄڻ کان پوءِ بشريٰ بي بي کي جاچ ۾ شامل ڪيو ويندو وڪيل چيو ته سيڪيورٽي خدشا آهن هتي ئي جاچ ۾ شامل ڪري وٺو يا ايندڙ ٻڌڻي جي تاريخ ڏيو. عدالت بشريٰ بي بي جي ضمانت ۾ 7 سيپٽمبر تائين واڌ ڪندي جاچ ۾ شامل ٿيڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو.

بقايا 06

ونگ پاران جاري بيان موجب سنڌ جي گورنر وزيراعظم کي وزارت عظميٰ جو عهدو سنڀالڻ تي مبارڪباد ڏني ۽ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو وزيراعظم سنڌ جي گورنر جا ٿورا مڃيا. ان موقعي تي سينيٽر سرفراز بگٽي به موجود هو

بقايا 07

۾ ريلي ڪڍي وئي. ان موقعي تي خطاب ۾ ميان جاويد لطيف چيو ته ذوالفقار علي ڀٽو کي به عالمي سازش جي ذريعي اقتدار تان لاهي قتل ڪيو ويو هو هن چيو ته نوازشريف کي پاڪستان جو دفاع ڪرڻ جي سزا ملي. نوازشريف جو سي پيڪ جو عظيم تحفو عالمي طاقتن کي پسند نه

آيو عالمي سازش هن وقت به جاري آهي پر نوازشريف جي رستي ۾ هاڻ ڪا به بارودي سرنگ برداشت نه ڪنداسين جاويد لطيف چيو ته فتنه خان کي بچائڻ جي لاءِ پاڪستان جون مخالف طاقتون منصوبه بندي ڪري رهيون آهن. جيڪڏهن اسان پنهنجي سياست قربان نه ڪريون ها ته آئين جمهوريت ۽ رياست کي برداشت نه ڪرڻ جوڳو نقصان پهچايو وڃي ها. ليگي اڳواڻ وڌيڪ چيو ته شخصيتون رياست تي قربان ٿينديون پر رياست کي شخصيتن تي قربان ٿين نه ڏينداسين. شهيدن ۽ غازين جي قربانين جا ثمر رياست کي ملڻ گهرجن. ٻئي طرف دفاع واري وزير خواجا آصف چيو آهي ته جيستائين رسڪ زيرو نه ٿي ويندو اسان نوازشريف جي واپسي جو رسڪ نٿا کڻي سگهون.

بقايا 08

بابت صدر پنهنجو وضاحتي نوٽ لکيو آهي جنهن ۾ قانوني خامين جي نشاندهي ڪئي آهي. ايوان صدر جي ذريعن جو چوڻ آهي ته پوليس ۽ سيڪيورٽي فورسز کي بنا وارنٽ گرفتاري جو اختيار ڏيڻ بابت ڪوڊ آف ڪرمنل پروسيجر ترميمي بل به واپس موڪلي ڇڏيو آهي. ياد رهي ته هي بل عمران خان جي حڪومت به منظور ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي پر ڪامياب نه ٿي سگهي هئي. ذريعن جو چوڻ آهي ته عارف علوي نيشنل اسڪل يونيورسٽي ترميمي بل، امپورٽ ايڪسپورٽ ترميمي بل ۽ هائير ايجوڪيشن ڪميشن ترميمي بل به واپس موڪلي ڇڏيو ذريعن جو چوڻ آهي ته صدر پاڪستان انسٽيٽيوٽ آف مئنيجمينٽ سائنسز اينڊ ٽيڪنالاجي بل، جرنلسٽس اينڊ ميڊيا پروفيشنلز پروٽيڪشن بل به واپس موڪلي ڇڏيو جيتوڻيڪ صحافين ۽ ميڊيا مالڪن جي تنظيمن جي وفد سان ملاقات ۾ صدر هي بل منظور ڪرڻ جو واعدو ڪيو هو بل ۾ ٽي وي چينلز ۽ اخباري مالڪن کي پابند بڻايو ويو آهي ته جيڪڏهن هو صحافين ۽ ملازمن کي پگهار نه ڏيندا ته سندن اشتهار روڪيا ويندا. ميڊيا مالڪ هن تي خوش نه هئا. ذريعن موجب عارف علوي اخبارن، نيوز ايجنسين ۽ ڪتابن جي رجسٽريشن بل به واپس موڪلي ڇڏيو ذريعن جو چوڻ آهي ته واپس ڪيل بلن ۾ پبلڪ سروس ڪميشن ترميمي بل، وفاقي اردو يونيورسٽي ترميمي بل، اين ايف سي انسٽيٽيوٽ ملتان ترميمي بل، نيشنل ڪميشن فار هيومن ڊولپمينٽ ترميمي بل، نيشنل انسٽيٽيوٽ آف ٽيڪنالاجي بل ۽ هورائزن يونيورسٽي بل شامل آهن. ياد رهي ته شهباز شريف جي حڪومت آخري ڏينهن ۾ 100 کان مٿي بل بنا بحث جي پاس ڪيا هئا. جنهن تي مسلم ليگ (ن)، پيپلز پارٽي ۽ جي يو آءِ سميت حڪومت ۾ شامل سيني جماعتن جي نمائندن مخالفت ڪئي هئي. رضا رباني بل جي ڪاپي نه ملڻ تي احتجاج ڪندي ڪجهه بلن جون ڪاپيون ڦاڙيون هيون. ڪجهه بل اهڙا به هئا جن جي منظوري وقت ٻنهي ايوانن ۾ ڪورم به پورو نه هو

بقايا 09

شاهه ۽ اپوزيشن ليڊر رعنا انصار وچ ۾ ملاقات دوران جسٽس رٽائرڊ مقبول باقر جي نالي تي اتفاق ٿيو هو پيپلز پارٽي پاران جسٽس رٽائرڊ مقبول باقر جو نالو ڏنو ويو، ايم ڪيو ايم جي رابطا ڪميٽي جي هنگامي اجلاس ۾ به نالي تي اتفاق ڪيو ويو نامزد نگران وڏي وزير مقبول باقر چيو آهي ته ڏکين حالتن ۾ اهم ذميواري ملي آهي. چونڊون ڪرائڻ اليڪشن ڪميشن جو ڪم آهي، اسان معاونت ڪنداسين. ڪوشش آهي ته آئين مطابق صاف ۽ شفاف چونڊون ڪرايون وڃن هن چيو ته ڪوشش هوندي ته عوامي مسئلا حل ٿين. قانون ۽ آئين جي بالادستي لاءِ ڪردار ادا ڪندس

بقايا 10

جنهن ۾ مرڪزي اڳواڻ عون چوڌري نعمان لنگڙيال ۽ ٻين شرڪت ڪئي. صمصام بخاري استحڪام پاڪستان پارٽي ۾ شامل ٿيڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي هو ڪجهه ڏينهن دوران باضابطه طور تي پريس ڪانفرنس ڪري شموليت جو اعلان ڪندو

بقايا 11

ڌماڪي جو آواز آيو جنهن سان پوليس اسٽيشن جي عمارت جو وڏو حصو ڪري پيو. جڏهن ته ٿاڻي جي احاطي ۾ بيٺل گاڏين کي به نقصان پهتو پوليس ٻڌايو ته واقعي جي جاچ سان خبر پئي ته پوليس اسٽيشن تي ڪنوڻ ڪري، جنهن جي نتيجي ۾ عمارت به ڪري پئي. پوليس موجب واقعي جو اطلاع ملندي ئي وڏي نفري پهتي ۽ زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو. پوليس اختيارين ٻڌايو ته زخمين ۾ اي ايس آءِ امتياز، وائرليس آپريٽر بلاول صديقي، ڪانسٽيبل سجاد، ڪانسٽيبل فيضان ۽ ڪانسٽيبل توقير شامل آهن.

بقايا 12

الاهي جي وڪيل امجد پرويز پنهنجي موڪل سان مشاورت جي اجازت طلب ڪئي امجد پرويز چيو ته دليلن کان اڳ پنهنجي ڪلائنٽ سان 5 منٽ ڳالهائڻ چاهيان ٿو جنهن تي عدالت وڪيل کي پرويز الاهي سان مشاورت جي اجازت ڏئي ڇڏي. نيب پراسيڪيوٽر وارث علي جنجوعه جج کان پرويز الاهي جو جسماني ريمانڊ طلب ڪندي دليلن ۾ چيو ته پرويز الاهي مٿان سرڪاري ٺيڪن ۾ ڪرپشن ۽ ڪِڪ بيڪس جو ڪيس آهي. پرويز الاهي جڏهن پنجاب جو وڏو وزير هيو ته هن گجرات جي لاءِ اربين روپين جا ٺيڪا ڏنا. سڄي صوبي کي نظر انداز ڪيو ويو ان سان گڏ ٺي قانوني گهرجن کي به نظر انداز ڪندي ترقياتي پراجيڪٽس جي منظوري ڏني وئي. نيب جي وڪيل وارث علي جنجوعه چيو ته هن ڪيس ۾ چار ماڻهو اڳ ئي گرفتار آهن. پرويز الاهي کي ڪالهه گرفتار ڪري اڄ احتساب عدالت ۾ پيش ڪيو ويو آهي. پرويز الاهي بطور وڏي وزير جي طور تي صرف گجرات جي لاءِ 72 ارب روپين جا پيڪيج ڏنا. لاڳاپيل ايڪسيئن کان 200 منصوبن جي فهرست نهرائي وئي. قانون جي ڀڃڪڙي ڪندي ڦاسٽ ٽريڪ تي منصوبن جي منظوري ڏني وئي. نيب جي وڪيل چيو ته پرويز الاهي جي پٽ مونس الاهي گڏجاڻيون ڪوٺائي ڪِڪ بيڪس جا شيئر طئي ڪيا. اسان وٽ انهن سمورين ڳالهين جا ثبوت موجود آهن. ڪم شروع ٿيڻ کان اڳ رقم جاري ٿيڻ شروع ٿي وئي. جيڪا قانون جي ڪليل طور تي ڀڃڪڙي آهي. پرويز الاهي جي وڪيل چيو ته منهنجي موڪل جي گرفتاري خلاف سپريم ڪورٽ ۽ لاهور هاءِ ڪورٽ ۾

بقايا 13

ڪيسز ٻڌڻي هيٺ آهن پر ان باوجود به ڪيس گرفتار ڪيو ويو آهي. جنهن کان پوءِ احتساب عدالت پرويز الاهي جو 21 آگسٽ تائين جسماني ريمانڊ منظور ڪري ورتو ۽ ڪيس جاچ جي لاءِ نيب ٽيم جي حوالي ڪري ڇڏيو.

چيف اليڪشن ڪمشنر جي سربراهي ۾ 5 رڪني بينچ فواد چوڌري خلاف اليڪشن ڪميشن جي توهين عدالت ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي. اليڪشن ڪميشن توهين عدالت ڪيس جي ٻڌڻي دوران اڳوڻو سنڌ سماءَ وارو وزير فواد چوڌري ۽ سندس وڪيل فيصل چوڌري پيش ٿيا. ٻڌڻي دوران فواد چوڌري موقف اختيار ڪيو ته توهان حڪم نامي ۾ چيو ته معافي نامو ۾ منهنجي ٻولي درست ناهي، پنهنجي ٻولي درست ڪري معافي نامو ٻيهر جمع ڪرائي رهيو آهيان. اڳوڻي سنڌ سماءَ واري وزير فواد چوڌري اليڪشن ڪميشن ۾ نئون معافي نامو جمع ڪرائي ڇڏيو آهي. چيف اليڪشن ڪمشنر ڪيس جي ٻڌڻي 24 آگسٽ تائين ملتوي ڪندي چيو ته هو ايندڙ ٻڌڻي تي حڪم ڏيندو.

بقايا 14

ڏينهن ڪاروبار جي شروعات ٿي ته انٽربينڪ ۾ ڊالر جي قيمت صرف 21 پئسا واڌ سان 288 روپيه 28 پئسن تي اچي وئي پر بعد ۾ هيٺ مٿاهين جو رجحان جاري رهيو ڪرنسي ڊيلرز موجب انٽربينڪ ۾ ڊالر جي قيمت ۾ لاڳيتو اضافي جو رجحان برقرار آهي. انٽربينڪ ۾ ڊالر جي مقابلي ۾ روپئي جي قيمت 3 مهينن جي گهٽ کان گهٽ سطح تي اچي وئي. ڪاروباري ڏينهن جي شروعات تي انٽربينڪ ۾ ڊالر وڌيڪ 3 روپيه مهانگو ٿي ويو قيمت ۾ واڌ کان پوءِ هڪ آمريڪي ڊالر 291 روپيه 50 پئسا جڏهن ته اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر 5 روپيه مهانگو ٿي 301 روپين جو ٿي ويو ٻئي طرف نئين ڪاروباري هفتي جي پهرين ڏينهن پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ هيٺ مٿاهين جو رجحان برقرار آهي. 100 انڊيڪس 88 پوائنٽس سان وڌي 48 هزار 513 پوائنٽس تي پهچي ويو.

بقايا 15

۾ 6 سجاول ۽ ٽن اڻڄاتل جوابدارن سميت 9 ڄڻا نامزد ڪيا ويا آهن دهشتگردن جي سهولتڪاري ۾ ڄاتل جوابدارن ۾ شيرل مهر، منور، بخش علي عرف بخشو، بابر، محسن، جمال الدين ۽ سهيل شامل آهن. ڪيس ۾ دهشتگردي جا ڪلمر شامل ڪيا ويا آهن ٻئي پاسي ايس ايس پي سکر دعويٰ ڪئي آهي ته شڪ جي بنياد تي 20 کان وڌيڪ ماڻهن کي حراست ۾ ورتو ويو آهي. اصل قاتلن جي ويجهو پهچي ويا آهيون

بقايا 16

ماڻهن کي شامل ڪرڻ بهتر هوندو نگران حڪومت وٽ هڪ موقعو آهي ته هو PDM پاران پيدا ٿيل چڪتاڻ کي ختم ڪري، غير جانبدار ماڻهو اليڪشن ڪميشن جي صحيح سهڪار لاءِ مانيٽرنگ سيٽ اپ ۾ آيا. هن چيو ته اميد آهي ته نگران حڪومت جي قدمن سان سياسي ڇڪتاڻ واري صورتحال ۾ گهٽتائي ايندي، نگران حڪومت جيڪڏهن خير سڳالي جي اشاري طور گرفتار ٿيل عورتن کي آزاد ڪرڻ جو اعلان ڪري ته اها سٺي پيش رفت هوندي، پي ٽي آءِ اڳواڻ چيو ته نگران حڪومت کي گهرجي ته اڳوڻي وزيراعظم کي قانون موجب سهولتون ڏنيون وڃن. چيئرمين پي ٽي آءِ 180 کان وڌيڪ ڪيسن ۾ ملوث آهي، وڪيلن جي پهچ ۽ مشاورت ضروري آهي. ملڪ جي سڀ کان وڏي پارٽي جي سربراهه کي قانون موجب سهولتون ڇو نه ڏنيون وڃن؟

بقايا 17

دهشتگردي جي انٽ واري عدالت چيو ته ڪهڙ ٿاڻي ۾ هڪ ۽ باره ڪهو ۾ داخل 2 ڪيسن ۾ عمران خان جي ضمانت رد ڪري ڇڏي آهي. اي ٽي سي عدالت چيئرمين تحريڪ انصاف جي پيش نه ٿيڻ تي ضمانت جون درخواستون رد ڪري ڇڏيون. عدالت چيئرمين تحريڪ انصاف جي حاضري کان ڇوٽ جي درخواست به رد ڪري ڇڏي.

بقايا 18

ايس ايس پي آفيس آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هڻي سخت تعريبازي ڪئي وئي، سکر يونين آف جرنلسٽس جي سڏ تي سکر، لاڙڪاڻو ۽ حيدر آباد ڊويزن جي صحافين سکر جي سياسي سماجي شهري تنظيمن جي اڳواڻن پاران سکر پريس ڪلب کان ايس يو جي جي صدر امداد بوزدار جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي ايس ايس پي آفيس آڏو ڌرڻو هنيو ڌرڻي ۾ پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس جي خزانچي لالا اسد پٺاڻ، خصوصي طور تي شرڪت ڪئي. جڏهن ته ڪراچي کان آيل سينئر صحافين وحيد راڄپر، احسان لاشاري، حيدر آباد جي سينئر صحافين جڳ پرڪاش موراڻي، اقبال ملاح، لاڙڪاڻو، خيرپور، شڪارپور، جيڪب آباد، ڪشمور، ڪنڌڪوٽ، ڪشمور سميت روهڙي، پنو عاقل، صالح پٽ سميت ننڍن وڏن شهرن جي صحافين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي ڌرڻي ۾ شريڪ اڳواڻ لالا اسد پٺاڻ، ايڊووڪيٽ قربان ملانو، اقبال ملاح، احسان لاشاري، وحيد راڄپر، جڳ پرڪاش، امداد بوزدار ۽ ٻين چيو ته شهيد جان محمد مهر سموري سنڌ جي مظلوم ماڻهن جو آواز هيو ڪيس سکر جي مصروف ترين علائقي ڪوئنس روڊ وٽ سر عام گولين هڻي قتل ڪرڻ سخت مذمت جوڳو عمل آهي هنن چيو ته جان محمد مهر جي قتل واري واقعي تي پوليس جو ڪردار شڪي لڳي ٿو سکر پوليس شهيد جان محمد مهر جي قاتلن، سهولتڪارن ۽ سرپرستن کي بچائي رهي آهي جنهن جي مذمت ڪيون ٿا، هنن مطالبو ڪيو آهي ته شهيد جان محمد مهر جي قتل واري واقعي جي جاچ اعلي سطحي جوڊيشل انڪوائري ڪرائي جي آئي ٽي جوڙي وڃي جنهن ۾ صحافين ۽ وڪيلن کي به شامل ڪيو وڃي صاف شفاف انڪوائري ڪري واقعي جون اصل حقيقتون سامهون آڻي قاتلن، سهولتڪارن ۽ سرپرستن کي وائکو ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ ڊي آئي جي آفيس، آءِ جي سنڌ، سي ايم هائوس آڏو ڌرڻو هنيو ويندو.

بقايا 19

آل پاڪستان نيوز پيپرز سوسائٽي (اي پي اين ايس)، پاڪستان براڊ ڪاسٽرز ايسوسيئيشن (پي بي اي)، ڪائونسل آف پاڪستان نيوز پيپر ايڊيٽرز (سي پي اين اي) ۽ ايسوسيئيشن آف اليڪٽرانڪس ميڊيا ايڊيٽرز اينڊ نيوز ڊائريڪٽرز (ايمند) جي نمائندن جي وفد سان

ڳالهائيندي چئي جن ايوان صدر ۾ ساڻس ملاقات ڪئي. وفد ۾ افضل ٻٽ، ارشد انصاري، ناز آفرين سهگل، سرمد علي، شهاب زبيري، شڪيل مسعود، اعجازالحق، ڪاظم خان، اياز خان ۽ اظهر عباس شامل هئا. صدر ميڊيا ورڪرز جي حقن جي تحفظ، پيمرا قانون ۾ ترميمون متعارف ڪرائڻ تي ميڊيا برادري جي گڏيل ڪوشش کي ساراهيندي چيو ته سرڪاري اشتهارن کي اليڪٽرانڪ ميڊيا ملازمن جي رهتن جي ادائيگي سان ڳنڍڻ سان انهن جي مسئلن جي حل ۾ مدد ملندي.

بقايا 20

2021ع تي آمريڪا جي قيادت هيٺ اتحادي فوج جي نڪرڻ بعد طالبان اقتدار سنڀالو جنهن کي گذريل ڏينهن 2 سال مڪمل ٿي ويا. ان موقعي تي طالبان ميمبرن جا قافلا مسعود اسڪوائر تي گڏ ٿيا ۽ ترانو وڄايو ويو افغان اٿارٽي گذريل ڏينهن جاري ڪيل بيان ۾ افغانستان ۾ اسلامي نظام جي قيام جي راهه هموار ڪرڻ جي حوالي سان ڪاميابي کي ساراهيو بيان ۾ چيو ويو ته ڪابل جي فتح هڪ ڀيرو ٻيهر ثابت ڪري ڇڏيو آهي ته افغانستان جي قابل فخر قوم کي ڪو به ڪنٽرول نٿو ڪري سگهي ۽ اهي ڪنهن کي ملڪ جي آزادي کي خطري ۾ وجهڻ جي اجازت نه ڏيندي. افغانستان جي اولهندي صوبي هرات ۾ طالبات جي حامين تي ٻڌل ميڙ افغانستان زنده باد جا نعرا لڳايا. ان موقعي تي ڪيترن شهرن ۾ تقريبون منعقد ڪيون ويون.

بقايا 21

رپورٽ پيش ڪئي پوليس طرفان پيش ڪيل رپورٽ موجب سارنگ شر تي قتل، ملڪيت تي قبضا ۽ ٻارن سان زيادتي جا 8 ڪيس داخل ٿيل آهن. اهڙن ڪيسن خلاف جوابدار ٺاهه ڪري پنهنجا ڪيس ختم ڪرائي ڇڏيا آهن. ٻڌڻي دوران ايڊيشنل پراسيڪيوٽر چيو ته ٽنڊي عمر جي ٻارن سان زيادتي واري ڪيس ۾ صلح ٿئي ٿي سگهي. ٽرائل ڪورٽ ثبوتن کي نظر انداز ڪيو. يو ايس بي ۾ به اهو ثبوت ٽرائل ڪورٽ ۾ پيش ڪيا ويا پر انهن کي به نظر انداز ڪيو ويو. عدالت سنڌ جي آءِ جي کي هدايت ڪئي آهي ته ٻارن سان ريپ بابت يو ايس بي جو 2 مهينن ۾ فرانزڪ ڪرايو وڃي. پاڪستان ۾ فرانزڪ ليب نه آهي ته پرڏيهه مان فرانزڪ آڊٽ ڪرائي وڃي. جڏهن ته عدالت يو ايس بي کي به فوري طور تي تحويل ۾ وٺڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو عدالت ريمارڪس ڏنا ته يورپ جهڙي خطي ۾ شراب جي سيني کي اجازت آهي پر استاد ٿو ٻي سگهي پر هتي استاد ٻارن سان زيادتي ڪري رهيو آهي ۽ پوءِ آزاد به ٿي وڃي ٿو قرآن تي فيصلو ڪيو ويو جنهن کان پوءِ جوابدار کي ٽرائل ڪورٽ ڇڏي ڏنو سنڌ هاءِ ڪورٽ ٽرائل ڪورٽ جو فيصلو معطل ڪري جوابدار سارنگ شر کي گرفتار ڪرڻ جو حڪم ڏنو جنهن تي پوليس سارنگ شر کي عدالت جي ڪمري ٻاهران گرفتار ڪري ورتو سنڌ هاءِ ڪورٽ ٽرائل ڪورٽ جو ڪيس ٻيهر هلائڻ جو به حڪم ڏئي ڇڏيو آهي.

بقايا 22

سرحدن جي حفاظت ڪري رهي آهي. هن وقت سڄي دنيا ترقي طرف گامزن آهي. پر اسان هڪ قوم نه بڻجي سگهيا سون ۽ پاڪستان پهرين اسلامي ايٽمي رياست هئڻ باوجود عوام پاڻي جهڙي بنيادي سهولت کان به محروم آهي. 10 ڪروڙ شهري غربت جي لڪير کان هيٺ زندگي گذارڻ تي مجبور ۽ 07 ڪروڙ نوجوان بيروزگاري سبب ڌڪا کائي رهيا آهن. ظالم حڪمرانن جي ڪري اڄ هر پاڪستاني اڍائي لک روپين جو قرضي آهي هتي غربت ننگو ناچ ڪري رهي آهي حڪومت غربت ۽ مهانگائي ۽ بدامني جي خاتمي ۾ ناڪام ثابت ٿي آهي جن به ملڪ کي لٽيو آهي انهن سيني کي اٽڪ جيل ۾ هڻڻ گهرجي. حقيقي آزادي ۽ تبديلي لاءِ عظيم جدوجهد جي ضرورت آهي. اهڙن خيالن جو اظهار هن اسٽيشن روڊ تي جي آءِ يوٿ پاران رٿيل يوٿ ڪنونشن کي خطاب ڪندي ڪيو. صوبائي امير محمد حسين محنتي، يوٿ جي مرڪزي صدر رسل خان بابر، صوبائي نائب امير ممتاز حسين سهتو يوٿ سنڌ جو صدر امتياز پالاري، ضلعي امير عقيل احمد خان ٻڌ خطاب ڪيس ان موقعي تي سينئر صحافي جان محمد مهر جي بيدردي سان قتل، تعليم، صحت ۽ امن امان جي خراب صورتحال جي باري ۾ ٻه قراردادون منظور ڪيون ويون. هوڏانهن امير جماعت اسلامي جو جامشورو ٽول پلازه وٽ ضلعي امير صالح ڀرٽ جي قيادت ۾ زبردست استقبال ڪيو ويو استقبال لاءِ ايندڙ ڪارڪنن کي خطاب ڪندي چيو ته عوام ملڪ ۾ حقيقي تبديلي، اسلامي، فلاحي، جمهوري ۽ خوشحال پاڪستان لاءِ هاڻي جماعت اسلامي جو ساٿ ڏئي. مرڪزي امير ضلع مٽياري جي تعلقي سعيد آباد ۾ قائم ديني اداري جامعة الحرمين ۾ نعمت الله خان تعليمي بلاڪ جو افتتاح ۽ رٿيل ميڙاڪي کي خطاب ڪندي چيو ته آزادي جو مطلب پنهنجي مرضي سان مذهب ۽ نظريي موجب زندگي گذارڻ آهي. پر هتي 76 سال گذري وڃڻ باوجود اڄ به انگريزن جو قانون مسلط، آءِ ايم ايف جي غلامي جو سنگهر اسان جي ڳچي ۾ پيل آهي ته پوءِ اسان ڪٿين آزاد آهيون؟ عدالتن کان ويندي ٿاڻي تائين قرآن بدران انگريز سامراج جي قانون موجب فيصلا ٿي رهيا آهن ان ڪري اڄ جوڏينهن حقيقي آزادي ۽ خوشحال پاڪستان لاءِ جدوجهد ڪرڻ جو عزم ڪريون جماعت اسلامي ان مشن کي حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪري رهي آهي. پاڪستان ۾ اسلامي نظام نافذ ٿيندو ته اوهان جي ٻچن جو مستقبل محفوظ هوندو پر اڄ ٻاجوڙ، گوادر ۾ بم ڌماڪا ۽ سنڌ ۾ ڌاڙيل راڄ جي ڪري هر طرف خوف ۽ بي يقيني وارو ماحول آهي. خوف، بُک ۽ بي امني کان نجات فقط الله جي دين ۾ آهي. سيد منور حسن ۽ نعمت الله خان الله جا ولي هئا جن عوام جي خدمت ۽ دين کي قائم ڪرڻ لاءِ وڏي جدوجهد ڪئي. سراج الحق جامعة الحرمين جي انچارج مفتي جلال الدين منصوري ۽ سندس ٽيم جي ڪيل علمي خدمتن جي ساراهه ڪندي چيو ته ان شاءَ الله هڪ ڏينهن هي ادارو وڏي علمي اداري جي شڪل اختيار ڪندو. ان موقعي تي صوبائي امير محمد حسين محنتي ۽ مفتي جلال الدين منصوري ٻڌ خطاب ڪيو جڏهن ته مرڪزي نائب امير مولانا اسدالله ڀٽو، ممتاز حسين سهتو، مولانا آفتاب ملڪ، مجاهد چنا، ضلعي امير اياز احمد اصلاحي سميت ٻيون سماجي ۽ ديني شخصيتون ٻڌ موجود هيون.

بقايا 23

. نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ جا ر ڪمال جا ٿورا مڃيا. نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ سان بلوچستان جي سياستدان علي مردان ڊومڪي ٻڌ ملاقات ڪئي آهي جنهن نگران وزيراعظم کي مبارڪباد ڏني ۽ ان جي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو

بقايا 24

آهي. سپريم ڪورٽ ۾ ڪيترائي ڀيرا تڪ بندين جو معاملو اچي چڪو آهي. چيف جسٽس ريمارڪس ڏنا ته اليڪشن ڪميشن تڪ بنديون شفاف طريقي سان مڪمل ڪري، سنڌ ۾ تڪ بندين جي حساسيت وڌيڪ آهي، سنڌ مان اڪثر طور تي اهي شڪايتون اينديون رهيون آهن ته تڪ بنديون صحيح نه ٿيون آهن. ٻڌڻي دوران چيف جسٽس پڇاڻو ڪيو ته اليڪشن ڪميشن عام چونڊون ڪڏهن ڪرائي رهيو آهي؟ جنهن تي اليڪشن ڪميشن جي ڊي جي خاموشي اختيار ڪري ورتي. چيف جسٽس چيو ته مطلب ته اڃان تائين چونڊن جي ڪا به تاريخ مقرر نه ٿي آهي. اليڪشن ڪميشن چونڊن کان اڳ سمورا معاملا حل ڪري وٺي. جنهن کان پوءِ سپريم ڪورٽ تڪ بندين بابت معاملو واپس اليڪشن ڪميشن ڏانهن اماڻي ڇڏيو. ياد رهي ته سنڌ ۾ صوبائي تڪ پي ايس 7.8 ۽ 9 شڪارپور جون تڪ بنديون سپريم ڪورٽ ۾ چئلينج ڪيون ويون هيون.

بقايا 25

جسٽس عمر عطا بنديال جي سربراهي ۾ 2 رڪني بينچ اڳوڻي وفاقي وزير احسن اقبال خلاف توهين عدالت جي درخواست تي ٻڌڻي ڪئي. عدالت چيو ته توهين عدالت ٿي آهي يا نه اهو طئي ڪرڻ اسان جو ڪم آهي. درخواستگذار صاحب اوهان اطلاع ڏني، اوهان جي مهرباني، هن ڪيس جي وڌيڪ هلڻ لاءِ هاڻ ڪو به گرائونڊ موجود نه آهي. ياد رهي ته 25 اپريل 2018 تي احسن اقبال بطور وفاقي گهرو وزير ٻڌڻي هيٺ ڪيس جي باري ۾ ڳالهايو هو احسن اقبال چيو هو ته ڪنهن فوجي آفيسر جا جج جيان اسان جي به عزت آهي. اهڙي بيان تي سندس خلاف توهين عدالت جي درخواست 2 مئي 2018 تي سپريم ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪئي وئي هئي. چيف جسٽس پاڪستان ريمارڪس ڏنا ته هي ڪيس وڌيڪ هلائڻ جو هاڻ ڪو به سبب نه آهي. توهين عدالت جي درخواست پنج سالن کان پوءِ اڄ هڪ دفعو ٻيهر ٻڌڻي لاءِ مقرر ڪئي وئي آهي. عدالت درخواست ٻڌڻ جوڳي نه هجڻ جي آڌار تي رد ڪري ڇڏي.

بقايا 26

ڪري ڇڏيو آهي. اليڪشن ڪميشن نگران وزيراعظم ۽ ڪابينا ميمبرن کان 3 ڏينهن اندر اثاثن جا تفصيل به طلب ڪري ورتا، جڏهن ته سنڌ ۽ بلوچستان جا نگران مقرر ڪرڻ جون به هدايتون جاري ڪيون ويون. پوسٽ موجب نگران حڪومتون عالمي ٻطرفن معاهدن تي عملدرآمد ڪرائي سگهن ٿيون. قومي اسيمبلي، سنڌ ۽ بلوچستان اسيمبليون ٽوڙي ڇڏيون آهن. جنهن ڪانپوءِ چونڊون ڪرائڻ اداري جي ذميواري آهي هن وڌيڪ چيو ته صاف، شفاف ۽ بروقت چونڊون ڪرائڻ اليڪشن ڪميشن جو ڪم آهي. اليڪشن ڪميشن چونڊون ڪرائڻ بابت آئيني قدم کڻڻ جو فيصلو ڪري ورتو چونڊن لاءِ بهترين ماحول فراهم ڪيو وڃي ۽ هر سياسي پارٽي کي ليول پلئنگ فيلڊ ڏني وڃي اليڪشن ڪميشن چيو ته نگران حڪومتون شفاف چونڊن لاءِ اليڪشن ڪميشن جي سهڪار کي يقيني بڻائين اليڪشن ڪميشن جي اڳواٽ اجازت ڪانسواءِ ڪا به مقرري يا منتقلي نه ڪئي ويندي. اليڪشن ڪميشن وفاقي، صوبائي ۽ مڪاني ادارن ۾ هر قسم جي ڀرتين تي پابندي لڳائي ڇڏي آهي اليڪشن ڪميشن ادارن ۾ ڀرتي ڪيل سياسي شخصيتن جي نوڪريون ختم ڪرڻ جو حڪم جاري ڪندي اڳوڻي وزيرن، صلاحڪارن ۽ ميمبرن کي سرڪاري رهائشگاهون خالي ڪرڻ جي هدايت ڪري ڇڏي،خط ۾ اڳوڻي وزيراعظم، وڏن وزيرن ۽ ڪابينا ميمبرن کي سرڪاري گاڏيون واپس وٺڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي. اجلاس ۾ چيو ويو ته وفاقي ۽ صوبائي نگران حڪومتون قانون موجب روزاني بنيادن تي ڪم ڪن. نگران حڪومتون چونڊن ۾ ڏانڌلي ۽ دٻاءُ وجهڻ جي ڪوشش نه ڪن.

بقايا 27

جون تعريفون ڪري رهي آهيان پر ائين ناهي، جيڪا حقيقت آهي آئون رڳو اها ٻڌائي رهي آهيان. هن چيو ته ڀارت به گهڻو خوبصورت آهي ۽ اها سڄي هڪ ئي زمين آهي، ائين بلڪل به ناهي جو مون ڀارت سان پيار ناهي، مون کي ڀارت سان محبت آهي ۽ آئون پنهنجي مڙس کي وٺي واپس پنهنجي ملڪ ويندس انجو (فاطمه) پنهنجي هاڻوڪي بيان ۾ چيو ته ڀارتي ميڊيا منهنجي ڪردار ڪشي ڪري رهيو آهي، چيو پيو وڃي ته آئون پنهنجي ديس ۽ ٻارن سان غداري ڪئي آهي، آئون به انسان آهيان. ڪنهن جي دشمن ناهيان. وڊيو پيغام ۾ سندس چوڻ هو ته پاڪستان جا ماڻهو سٺا آهن. منهنجي ڀارتي ميڊيا کي درخواست آهي ته مون بابت هاڪاري سوچيو ۽ بي بنياد ڳالهيون نه ڪريو

بقايا 28

ايندڙ سال وڌيڪ گرم ٿي سگهي ٿو. سعودي سنڌ ساءِ وارن ذريعن موجب فرانسيسي نيوز ايجنسي اي ايف پي موجب نيشنل اوسيا نڪ اينڊ ايٽمو سفير ايڊ منسٽريشن (اين او اي اي) جي چيف سائنٽسٽ ساره ڪيپنگ چيو آهي ته 2023 گرم ترين سال آهي . ناسا جي گودارا انسٽيٽيوٽ فار سپيس اسٽڊيز جي ڊائريڪٽر گيون ميڊٽ چيو ته مائي سمنڊ ۾ ايل نينو رجحان سبب ايندڙ سال ان کان به وڌيڪ گرم ٿي سگهي ٿو هن چيو ته ايل نينو جو وڌيڪ اثر 2024 ۾ ظاهر ٿيندو ان ڪري اسان ڏسي رهيا آهيون ته نه رڳو 2023 بلڪي 2024 به غير معمولي طور تي ريڪارڊ سطح تي گرم هوندو يورپي يونين جي موسمياتي مشاهدو ڪندڙ اداري ڪوپرنيڪس جي رپورٽ موجب زمين تي هيستائين جولاءِ سڀ کان وڌيڪ گرم مهينو هيو اي او اي اي موجب جولاءِ ۾ گلوبل سرفيس ٽمپريچر 1.12 ڊگري سيلسيز هيو جيڪو اوسر کان وڌيڪ هيو ان اداري جي 174 سالن جي ريڪارڊ موجب گرم ترين مهينو هيو اداري موجب گلوبل اوشين سرفيس ٽمپريچر جولاءِ ۾ گذريل چار مهينن کان ريڪارڊ وڌيڪ رهيو ڇو ته جون ۾ پيدا ٿيندڙ ايل نينو جا اثر لڳاتار جاري آهن. ناسا جي چيف سائنسدان ۽ ماحوليات جي سينئر مشير ڪيٽ ڪيلون چيو ته ماحولياتي تبديلي ماڻهن ۽ ماحولياتي نظام تي اثر ڇڏي رهي آهي گرمي پد ۾ تبديلي ڪانسواءِ اسان سمنڊ جي سطح ۾ اضافي آرڪٽڪ سمنڊ ۾ برف جو رجڻ ۽ پيلن ۾ باهه لڳڻ جي واقعن کي منهن ڏئي رهيا آهيون . آمريڪي اسپيس ايجنسي جي ايڊمن بل نيلسن چيو ته اسان ان ماحول کي بچائڻ لاءِ عملي قدمن جي ضرورت آهي.

بقايا 29

صدر بل جي منظوري آئين جي آرٽيڪل 75 تحت ڏني آهي.

بقايا 30

تيسوري ٻڌ وزيراعظم سان گڏ هو وزيراعظم خار، باجوڙ ۾ جمعيت علماءِ اسلام جي ورڪرز ڪنوينشن تي خودڪش حملي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو هن چيو ته دهشتگرد عنصر پاڪستاني قوم جا حوصلا ڪمزور نه ٿا ڪري سگهن. ملڪ ۾ دهشتگردي جي روڪٿام ۽ امن امان قائم ڪرڻ جي لاءِ ترجيحي بنيادن تي قدم يقيني بڻائينداسين. نگران وزيراعظم حملي ۾ فوت ٿيندڙ ڪارڪنن جي لاءِ فاتحه خواني ڪئي ۽ زخمين جي جلد صحتيابي لاءِ دعا ڪئي. مولانا فضل الرحمان انوارالحق ڪاڪڙ کي نگران وزيراعظم جو عهدو سنڀالڻ تي مبارڪباد ڏني ۽ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو

بقايا 31

آهي. سپريم ڪورٽ ۾ ڪيترائي ڀيرا تڪ بندين جو معاملو اچي چڪو آهي. چيف جسٽس ريمارڪس ڏنا ته اليڪشن ڪميشن تڪ بنديون شفاف طريقي سان مڪمل ڪري، سنڌ ۾ تڪ بندين جي حساسيت وڌيڪ آهي، سنڌ مان اڪثر طور تي اهي شڪايتون اينديون رهيون آهن ته تڪ بنديون صحيح نه ٿيون آهن. ٻڌڻي دوران چيف جسٽس پڇاڻو ڪيو ته اليڪشن ڪميشن عام چونڊون ڪڏهن ڪرائي رهيو آهي؟ جنهن تي اليڪشن ڪميشن جي ڊي جي خاموشي اختيار ڪري ورتي. چيف جسٽس چيو ته مطلب ته اڃان تائين چونڊن جي ڪا به تاريخ مقرر نه ٿي آهي. اليڪشن ڪميشن چونڊن کان اڳ سمورا معاملا حل ڪري وٺي. جنهن کان پوءِ سپريم ڪورٽ تڪ بندين بابت معاملو واپس اليڪشن ڪميشن ڏانهن اماڻي ڇڏيو. ياد رهي ته سنڌ ۾ صوبائي تڪ پي ايس 7.8 ۽ 9 شڪارپور جون تڪ بنديون سپريم ڪورٽ ۾ چئلينج ڪيون ويون هيون.

شادي لارج ۽ نئون دمبالو ۾ شهيد جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاجي مظاهرا

يونين آف جرنلسٽ جي اڳواڻ مرتضيٰ ميمڻ، پريس ڪلب جي صدر شوڪت ميمڻ، ايڇ يو جي صدر رازق ڏنو ڪوسو ۽ ٻين احتجاج ڪيو

جان محمد مهر غريب مسڪين ماڻهن جو سگهارو آواز هو هن هميشه سچ لکيو ۽ غريب مارن جي رهنمائي ڪئي : مظاهرين

ڪنهن به ڏاڍ ظالم جو ساٿ نه ڏنو ۽ سماجي براين سميت مختلف اشوز تي آواز اٿاريو، قاتلن کي فوري گرفتار ڪري سخت سزا ڏني وڃي

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين ننڊوشهر شادي لارج ۽ نئون دمبالو ۾ صحافي شهيد جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاجي مظاهرا ڪري ڌرڻا هنيا ويا تفصيل موجب سکر جي سينئر صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ بدين ننڊوشهر شادي لارج نئون دمبالو ۾ بدين يونين آف جرنلسٽ جي اڳواڻ مرتضيٰ ميمڻ بدين پريس ڪلب جي صدر شوڪت ميمڻ ايڇ يو جي بدين جي صدر رازق ڏنو ڪوسو جنرل سيڪريٽري الطاف شاد ميمڻ اسلم ميمڻ گل هنگورجو ننڊو ۾ پريس ڪلب جي روشن ميمڻ ايوب ڪٽي غفار پٽي نورحسن لاشاري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ شهرين سياسي سماجي اڳواڻن صحافين احتجاجي مظاهرا ڪيا ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته جان محمد مهر غريب مسڪين ماڻهن جو سگهارو آواز هو هن هميشه سچ لکيو ۽ غريب مارن جي رهنمائي ڪئي هن ڪنهن به ڏاڍ ظالم جو ساٿ نه ڏنو ۽ سماجي براين سميت مختلف اشوز تي آواز اٿاريو هنن چيو ته حق سچ لکندڙ صحافين کي هڪ هڪ ڪري شهيد ڪيو پيو وڃي جيڪو انتهائي افسوسناڪ آهي هنن آرمي چيف ۽ چيف جسٽس آف سپريم ڪورٽ کا مطالبو ڪيو ته جان محمد مهر جي قاتلن کي فوري گرفتار ڪري سخت سزا ڏني وڃي ٻي صورت ۾ سڄي سنڌ سراپا احتجاج هوندي

*****

بقايا	سنڌيار	01

ڪونہ ڪندي، پاڪستان فقط هڪ ملڪ نہ بلڪ هڪ نظريي ۽ فڪر جو نالو آهي، جماعت اسلامي 76 سالن ڪان پاڪستان جي نظرياتي ۽ جاگرافيائي سرحدن جي حفاظت ڪري رهي آهي. هن وقت سڄي دنيا ترقي طرف گامزن آهي، پر اسان هڪ قوم نہ بڻجي سگهياسون ۽ پاڪستان پهرين اسلامي ايٽمي رياست هئڻ باوجود عوام پاڻي جهڙي بنيادي سهولت ڪان بہ محروم آهي. 10 ڪروڙ شهري غربت جي لڪير ڪان هيٺ زندگي گذارڻ تي مجبور ۽ 07 ڪروڙ نوجوان بيروزگاري سبب ڌڪا کائي رهيا آهن. ظالم حڪمرانن جي ڪري اڄ هر پاڪستاني اربن لک رپين جو قرضي آهي هتي غربت ننڱو ناچ ڪري رهي آهي حڪومت غربت ۽ مهانگائي ۽ بدامني جي خاتمي ۾ ناڪام ثابت ٿي آهي جن بہ ملڪ کي لٽيو آهي انهن سڀني کي اٽڪ جيل ۾ هئڻ گهرجي. حقيقي آزادي ۽ تبديلي لاءِ عظيم جدوجهد جي ضرورت آهي. اهڙن خيالن جو اظهار هن اسٽيشن روڊ تي جي آءِ يوٿ پاران رٽيل يوٿ ڪنونشن کي خطاب ڪندي ڪيو صوبائي امير محمد حسين محنتي، يوٿ جي مرڪزي صدر رسل خان بابر، صوبائي نائب امير ممتاز حسين سهتو، يوٿ سنڌ جو صدر امتياز پالاري، ضلعي امير عقيل احمد خان پڻ خطاب ڪيو. ان موقعي تي سينئر صحافي جان محمد مهر جي بيدردي سان قتل، تعليم، صحت ۽ امن امان جي خراب صورتحال جي باري ۾ پڻ قراردادون منظور ڪيون ويون. هوڏانهن امير جماعت اسلامي جو جامشورو ٽول پلازه وٽ ضلعي امير صالح پُرٽ جي قيادت ۾ زبردست استقبال ڪيو ويو استقبال لاءِ ايندڙ ڪارڪنن کي خطاب ڪندي چيو تہ عوام ملڪ ۾ حقيقي تبديلي، اسلامي، فلاحي، جمهوري ۽ خوشحال پاڪستان لاءِ هاڻي جماعت اسلامي جو ساٿ ڏئي. مرڪزي امير ضلع متياري جي تعلقي سعيد آباد ۾ قائم ديني اداري جامعة الحرمين ۾ نعمت الله خان تعليمي بلاڪ جو افتتاح ۽ رٽيل ميڙاڪي کي خطاب ڪندي چيو تہ آزادي جو مطلب پنهنجي مرضي سان مذهب ۽ نظريي موجب زندگي گذارڻ آهي، پرهتي 76 سال گذري وڃڻ باوجود اڄ بہ انگريزن جو قانون مسلط، آءِ ايم ايف جي غلامي جو سنگهر اسان جي ڳلي ۾ پيل آهي تہ پوءِ اسان ڪيئن آزاد آهيون؟ عدالتن ڪان ويندي ٿاڻي تائين قرآن بدران انگريز سامراج جي قانون موجب فيصلا ٿي رهيا آهن ان ڪري اڄ جو ڏينهن حقيقي آزادي ۽ خوشحال پاڪستان لاءِ جدوجهد ڪرڻ جو عزم ڪريون جماعت اسلامي ان مشن کي حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪري رهي آهي. پاڪستان ۾ اسلامي نظام نافذ ٿيندو تہ اوهان جي ٻچن جو مستقبل محفوظ هوندو، پراج باجوڙ، گوادر ۾ بہ ڏماڪا ۽ سنڌ ۾ ڏاڙيل راڄ جي ڪري هر طرف خوف ۽ بي يقيني وارو ماحول آهي، خوف، بُک ۽ بي امني ڪان نجات فقط الله جي دين ۾ آهي. سيد منور حسن ۽ نعمت الله خان الله جا ولي هئا جن عوام جي خدمت ۽ دين کي قائم ڪرڻ لاءِ وڏي جدوجهد ڪئي. سراج الحق جامعة الحرمين جي انچارج مُفتي جلال الدين منصوري ۽ سندس ٽيم جي ڪيل علمي خدمتن جي ساراهه ڪندي چيو تہ ان شاءَ الله هڪ ڏينهن هي ادارو وڏي علمي اداري جي شڪل اختيار ڪندو. ان موقعي تي صوبائي امير محمد حسين محنتي ۽ مُفتي جلال الدين منصوري پڻ خطاب ڪيو جڏهن تہ مرڪزي نائب امير مولانا اسدالله ڀٽو ممتاز حسين سهتو مولانا آفتاب ملڪ، مجاهد چنا، ضلعي امير اياز احمد اصلاحي سميت ٻيون سماجي ۽ ديني شخصيتون پڻ موجود هيون

بقايا	سنڌيار	02

ڊويزن جي صدر ۽ صفوران ٽائون جي چيئرمين راشد خاصخيلي، پيپلز يوٿ سنڌ جي صدر جاويد ناياب لغاري، پ پ ضلعي اوڀر جي ڪنوينر محمد آصف خان، تاج محمد وساڻ عمران شيخ ۽ ٻين سان گڏ چونڊيل نمائيندن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، ان موقعي تي خطاب ڪندي سعيد غني چيو تہ اڄ جو ڏهاڙو اسان سڀني ملڪ واسين جي لاءِ خوشين جو ڏهاڙو آهي هن چيو تہ پاڪستان پيپلز پارٽي جي پنجن سالن جي ڪارڪردگي بهترين رهي جنهن ۾ رڪارڊ ترقياتي ڪم ڪرايا ويا راشد خاصيلي چيو تہ اڄ جو ڏينهن اسان سڀني جي لاءِ ڪنهن خوشين ڪان گهٽ ناهي هن چيو تہ مخالف حڪومت جو مدو پورو ٿيڻ بعد پاڻ ڪر چمڪائڻ لاءِ پارٽي خلاف پروپيگنڊا ڪري رهيا آهن اسين انهن کي منهن ٽوڙ جواب ڏينداسون

بقايا	سنڌيار	03

قاتلن، سهولتڪارن ۽ پلاننگ ڪندڙن جي گرفتاري ۽ قاتلن کي سزا ڏيارڻ جي لاءِ خانپور پريس ڪلب خانپور رجسٽرڊ جي طرفان احتجاج ڪيو ويو احتجاجي مظاهري ۾ خانپور پريس ڪلب خانپور جي صدر محمد عاصم داؤ صحافين صفي الله سيال، زبير ابڙو، محمد پريل ابڙو، بهادر علي برڙو، عتيق الرحمان ابڙو، امجد علي آرائين، رحيم لاڙڪ، علي مرتضيٰ شا، عادل جان سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن ۽ شهري اڳواڻ حافظ محمد سليم آرائين، عمر علي، واجد حسين سنڌي عباسي ۽ ٻين شرڪت ڪئي. [illegible]

بقايا	سنڌيار	04

[illegible]

بقايا	سنڌيار	05

سان انصاف نہ ٿيڻ خلاف صحافين سياسي سماجي ڌرين پاڻهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي شاهي بازار مان ريلي ڪڍي [illegible]

ڪلاڪ تنهن اس ۾ ڌرڻو هنيو ويو ان موقعي تي صحافي يوسف عمراڻي گلزار ملاح محرم خاصخيلي محسن خاصخيلي ايس ٽي پي اڳواڻ گوتم چنا ايس يو پي اڳواڻ بابل لطيف ڪوسو ن ليگ اڳواڻ لياقت ملاح جسقم جي اڪرم الدين ڪوسو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ حق سچ لکڻ تي سکر جي سينئر صحافي شهيد جان محمد مهر کي بيگناهه قتل ڪيو ۽ سندس خون سان انصاف نہ ٿي سگهيو آهي جنهن ظلم خلاف جدوجهد جاري رهندي

بقايا	سنڌيار	06

لاءِ اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو رابطو ڪرڻ تي پوليس ٻڌايو تہ نوجوان جو ڦاهو کاڌل لاش گهر مان مليو آهي جنهن کي پوسٽ مارٽم لاءِ اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو آهي، پوسٽ مارٽم رپورٽ اچڻ بعد موت جي اصل ڪارڻ جو پتو پئجي ويندو. جڏهن تہ نوجوان جا گهر وارا شهر ڪان ٻاهر ويل آهن، وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي. فوتي نوجوان شادي شده هو جڏهن تہ فوتي نوجوان جو مڙهه گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو.

بقايا	سنڌيار	07

قربان ڪندڙ شهيدن کي خراج تحسين پيش ڪرڻ سان گڏوگڏ سندن نقشي قدم تي هلندي وطن لاءِ هر قسم جي قرباني ڏيڻ جو عزم پڻ ورجايو ان موقعي تي اسڪولي شاگر توڙي شاگردياڻين پاران مختلف ملي نغمن تي ٽيبلوز پيش ڪيا ويا ۽ تقريرون ڪيون ويون آخر ۾ شاندار ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ شاگردن ۾ انعام ۽ تحفا پڻ ورهايا ويا. خبر موجب رتوديرو شهر ۾ هر سال وانگر هن سال بہ پاڪستان جو 76 هون جشن آزادي جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو ان سلسلي ۾ اسلاميہ ماڊل اسڪول انتظاميہ پاران شاندار تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ ڊي او ايجوڪيشن لاڙڪاڻو انيس الرحمان جلباڻي ڊپٽي ڊي او ايجوڪيشن عبدالرشيد چانڊيو سرپرست اعلي عوامي پريس ڪلب رتوديرو عبدالله ڀٽو صدر عصمت الله ڀٽي،نئون ديرو جي صحافي شاد حمود ڀٽو رتوديرو جي سينيئر صحافي محمد عظيم جلباڻي، منظار اي جروار ،محمد فهيم جلباڻي ، وائيس چيئرمين ميونسپل ڪميٽي رتوديرو نديم اختر سومرو ،ميونسپل ڪميٽي ڪائونسلر ميرشاهه زيب جلباڻي، ڊاڪٽر امداد علي گهانگهرو، شهاب الدين گهانگهرو، غلام علي ابڙو، طاهر غازي، علي اڪبر سومرو ، مولانا محمد حسن بصري ۽ اسڪول جي استادن ۽ شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي ڊائريڪٽر اسلاميہ ماڊل اسڪول رتوديرو شاهد حسين گهانگهرو خاص مهمانن کي سنڌ جي ثقافتي سوڪڙي اجرڪ جا تحفا پڻ پيش ڪيا ويا جڏهن تہ اسڪول جي شاگردن ۾ تقريري مقابلا پڻ ڪرايا ويا ۽ شاگردن مختلف قومي گيتن تي ٽيبلوز پڻ پيش ڪيا ۽ بهترين ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ شاگردن ۾ انعام ۽ سرٽيفڪيٽ پڻ ورهايا ويا. جڏهن تہ ٻئي طرف عوامي پريس ڪلب رتوديرو ۾ پاڪستان جي 76 هين يوم آزادي جي حوالي سان پڻ هڪ تقريب ڪرائي وئي تقريب ۾ عوامي پريس ڪلب جي سرپرست اعليٰ عبدالله ڀٽو ۽ سياسي، سماجي، مذهبي شخصيتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي ڪيڪ پڻ ڪاٽيو ويو ان موقعي تي تقريب کي خطاب ڪندي عبدالله ڀٽو چيو تہ اسان جي بزرگن اسان جي پياري وطن جي آزادي لاءِ وڏيون قربانيون ڏنيون آهن ۽ هاڻي اسان جي ذميواري آهي تہ پنهنجي پياري وطن جي حفاظت ڪريون عوامي پريس ڪلب رتوديرو عوام جي خدمت ۾ مصروف عمل آهي پروگرام ۾ شريڪ سمورن مهمانن کي جشن آزادي جي خوشي ۾ ٻيج پڻ لڳايا ويا آخر ۾ ملڪ جي خوشحالي لاءِ خصوصي دعائون پڻ گهريون ويون

بقايا	سنڌيار	08

پوليس ڪک پڇي بيٺو نہ ڪيو آهي، اسان جو مطالبو آهي تہ فورن نا اهل ايس پي سنگهار ملڪ کي هٽائي ايماندار آفيسر مقرر ڪيو وڃي، هي ايس ايس پي قاتلن جو سهولتڪار آن تي ڪو اعتماد نہ آهي پريا پريس ڪلب جي جنرل سيڪريٽري مجيد ڪيريو چيو تہ جان محمد مهر جا قاتل ڪي آسمان ت نہ آيا هئا جو پوليس گرفتار نہ ٿي ڪري جڏهن ت قتل ٿيڻ ڪانپوءِ ايس پي جو بيان ت اها ذاتي دشمني ايس پي کي ڪيئن خبر پئي تہ ذاتي مسئلو آهي معني تہ پوليس ڏوهارين جي سهولتڪار هئي امتياز سومرو چيو تہ جتي جتي صحافي قتل ٿئي ٿو ان جا پيرا وليس ڏانهن وڃن ٿا پوليس وڏيرن جي ڪمدار آهي انهن کي رازضي ڪرڻ لاءِ هر ڪم جائز آهي فورن ايس پي هٽائي قاتل گرفتار ڪيا وڃن راڻا ستار چيو تہ جيڪو بہ صحافي هڪ سچ لکي ٿو اهو وڏيرن ۽ پوليس جي اک ۾ ڪنڊو هوندو آهي صحافين جو قتل سوچيل سمجهيل سازش آهي شير علي مشوري، افضل منگي، عتيق وسطڙو، رئيس سولنگي چيو تہ جيستائين صحافي هڪ نہ ٿيندا تيستائين صحافين جو قتلي عام بند نہ ٿيندو ميرن کي بہ گهران لڳي اسان جي حق سچ لکڻ وارن صحافين کي حق سچ لکڻ جي سزا ڏني پئي وڃي فورن صحافين جا قاتل ۽ لڪل هٿ ظاهر ڪيا وڃن، احتجاج جو سلسلو سموري سنڌ تائين وڌايو ويندو

بقايا	سنڌيار	09

ورڪرز ڪنوينشن ڪوٺايو ويو جنهن ۾ يوٽيلٽي اسٽور ڪارپوريشن سکر ريجن جي ملازمن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ڪنوينشن جي صدارت مرڪزي جوائنٽ سيڪريٽري عبدالقيوم وڏو ڪئي، ڪنوينشن جو خاص مهمان مرڪزي جوائنٽ سيڪريٽري محمد بچل پتوهو تقريب کي سکر سي بي اي جي عهديدار راحت حسين قريشي خطاب ڪيو مظفر حسين شر، رياض شيخ، فهيم انصاري، پاڪستان جي آزادي جي حوالي سان شير محمد شيخ ۽ ماجد علي ڪوسو چيو تہ ڪجهه ڏينهن قومن جي زندگيءَ ۾ اهڙا اهم هوندا آهن جو انهن جو ذڪر دل کي عقيدت ۽ جوش سان ڀريندو آهي، آگسٽ جي ڏينهن جي اها ئي اهميت آهي، 14 آگسٽ آزادي جو ڏهاڙو ناهي، صرف هڪ ڏينهن نہ پر پاڪستان تحريڪ جي مجاهدن جي لاثاني جذبي جو بہ پيغام آهي، صدارتي خطاب ڪندي مرڪزي جوائنٽ سيڪريٽري عبدالقيوم ڏيرو چيو تہ گڏريل سي بي اي ڪارڪنن جي پگهارن ۾ هڪ ڪروڙ روپين جو بہ اضافو نہ ڪيو هو. ٽڪڙن ۾ ورهايو ويو ۽ هاڻي توهان جي سي بي اي گڏريل 19 مهينن ۾ مزدورن جي مفاد ۾ تمام گهڻو ڪم ڪيو آهي، جنهن ۾ مئين ڊيلي ويجز پائرن جي پگهارن ۾ واڌ، ٽي پيرا بونس جاري ڪرڻ ۽ 25000 رپيا ٻن قسطن ۾ ادا ڪرڻ شامل آهن، معاهدو ۽ باقاعده پائرن لاءِ بہ پيرا بونس جاري ڪرڻ ريگيولر پائرن جي 12 سالن ڪان پوءِ تاريخ ۾ سڀ ڪان وڏي پروموشن آهي ۽ گڏريل سي بي اي دور ۾ 2021 جو بند ٿيل بونس پڻ معذور الائونس ڏنو ويو موت جي گرانٽ. خريداري جو ٽيلهو ڪمپيوٽر جو ڪردار: انچارج الائونس ۾ اضافو، سيلز ڪميشن ۾ سبسڊي واري شيون شامل ڪرڻ ۽ انشاءَ الله تمام جلد يوٽيلٽي اسٽور ڪارپوريشن جي ڪارڪنن کي برانڊڊ شيون رعايتي قيمتن تي ملنديون، معاهدي پائرن جي واڌاري، ڊيلي ويجز ۽ ڪانٽريڪٽ پائرن کي ريگيولر ڪرڻ، گريجوئيشن ۽ هڪ پيرو هيٺهر ريگيولر پائرن جي پروموشن لاءِ پنهنجي اڳواڻ راجا مسڪين جي اڳواڻي ۾ ڪم ڪري رهيا آهن منور خاصخيلي ۽ دلدار خاصخيلي پاران آل پاڪستان نيشنل ورڪرز يونين ۽ مخالف اتحاد کي هميشہ لاءِ ختم ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو جنهن جو سمورن شرڪت ڪندڙن ڀرپور استقبال ڪيو

بقايا	سنڌيار	10

گهرواري حسنا جاجائو جي بازيابي لاءِ احتجاج برادري پاران 3 ڏينهن ۾ [illegible] هڙتال ڪئي وئي ان موقعي تي [illegible] محمد صالح جاجائو [illegible] ايس يو پي ڪارڪن [illegible] گلشير ڪوسو ن ليگ [illegible] ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ 12 ڏينهن اڳ سي آءِ اي پوليس [illegible] جوابدار شير محمد [illegible] گهر تي چڙهائي ڪري [illegible] گم ڪري ڇڏيو آهي [illegible] آزاد ڪيو وڃي [illegible] مانجهند ٿاڻي تي [illegible] جي اٽجانل جوابدار [illegible] گوٺ پٽ ڪاچي [illegible] گهرن تي چڙهائي [illegible] ظاهر نہ ٿي سگهي [illegible] آهي تہ جوابدار [illegible] جتي ڪي پوليس [illegible] ڪيمپ تي ايس [illegible] پهچي حمايت جو [illegible]

بقايا	سنڌيار	11

چانڊيو منظور علي ملڪ، مختيار علي سهتو ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا. ان موقعي تي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ سنڌ ۾ سچ لکندڙ صحافين [illegible] بيدردي سان قتل [illegible] دٻائڻ جي ڪوشش [illegible] ٻڌائڻ ٿا چاهيون [illegible] جي آواز کي دٻائي [illegible] چوڻ هو تہ شهيد [illegible] هڪ ايماندار ۽ بهادر [illegible] جي پورتارڪي [illegible] جنهن سبب هن کي ٽارگيٽ ڪري ۽ شهيد ڪيو ويو آهي جڏهن تہ قاتل ۽ سندن سهولتڪار هن وقت بہ آزاد گهمن پيا. سندن چوڻ هو تہ آءِ جي سنڌ کي فورن ايس ايس پي سکر کي معطل ڪري ۽ جي آءِ ٽي جوڙي جاچ ڪري ۽ جلد از جلد قاتلن کي گرفتار ڪري سخت کان سخت سزا ڏني وڃي، ٻئي صورت ۾ سڄي سنڌ ۾ شٽر بند هڙتال ڪئي ويندي. احتجاج ۾ پ پ اڳواڻ راڻو طفيل راجپوت، ايس ٽي پي اڳواڻ ڪامريڊ حبيب الله مشوري، آصف علي چانڊيو ۽ ٻين پڻ شرڪت ڪئي

بقايا	سنڌيار	12

ميمڻ ۽ ٻين مرڪزي اڳواڻن خصوصي طور شرڪت ڪئي، گڏجاڻي ۾ لاڙڪاڻي ضلعي جي چئني تعلقن جا يوٿ عهديدار چونڊيا ويا، ان موقعي تي مرڪزي آرگنائيزنگ ڪاميٽي جي ميمبر عزيزاحمد ڪٽپر پاران آيل مهمانن کي آجياڻو ڏيندي اجرڪ ۽ ٽوپين جا تحفا پيش ڪيا ويا. تقريب کي خطاب ڪندي اڳواڻن اياز ميمڻ چيو تہ اسان جي تنظيم غير سياسي آهي ۽ هن جو مقصد فقط سنڌ ۾ رهندڙ غريب، بي پهچ ميمڻ برادري جي ماڻهن جي مدد ڪرڻ آهي. برادري جي تعليم يافتا نوجوانن کي روزگار فراهم ڪري ڏيڻ ۽ ٻيا پروگرام شامل آهن. عزيز احمد ڪٽپر چيو تہ اسان جي برادري قديمي حيثيت رکي ٿي جيڪا محنت ڪش آهي، اسان جا 80 سيڪڙو ماڻهو ڪاروباري آهن، باقي 20 سيڪڙو رهيل ماڻهن کي بہ روزگار سان لڳائڻ لاءِ ڪم ڪنداسين. تقريب ۾ لاڙڪاڻي، نئين ديري، رتيديري، ڏوڪري، باڊهہ، نصيرآباد، قمبر شهدادڪوٽ ۽ ٻين شهرن ڪان برادري جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. تقريب جي آخر ۾ گڏيل راءِ سان مدر ونگ لاءِ رستم ميمڻ، معشوق ميمڻ، محمد طاهر ميمڻ، محمد علي ميمڻ، صدام ميمڻ کي آرگنائيزنگ ڪاميٽي ۾ شامل ڪيو ويو جڏهن تہ يوٿ ونگ لاءِ سلمان، ذيشان، آصف، ثناءُ الله، اسد جمال، اطهر ميمڻ کي عهديدار چونڊيو ويو

بقايا	سنڌيار	13

احمد سومرو، نياز احمد راڄپر، حافظ عظمت الله، حق نواز ميمڻ يوسي چيئرمين سرفراز ڪوسو هيڊ ماسٽر نذيراحمد منگي شرڪت ڪئي، خطاب ڪندي صوبائي صدر قاضي مشهود احمد چيو تہ پاڪستان الله تعاليٰ جي نعمت آهي، پاڪستان جو پيارو ملڪ لازوال ۽ بي مثال قربانين سان حاصل ٿيو آهي. نوجوانن کي ان جو قدر ڪرڻ گهرجي. اسان جو قائد محبوب سڄڻ سائين هر پاڪستاني نوجوان کي اعليٰ تعليم يافتہ ڏسڻ چاهي ٿو محبوب سڄڻ سائين نوجوانن ۾ اهڙي قيادت جي صلاحيت ڏسڻ چاهي ٿو جيڪو انسانيت سان ڀرپور هڪ فلاحي معاشرو ناهي سگهي، تعليمي ادارن ۾ نہ صرف تعليم تي زور ڏنو وڃي پر تربيت تي پڻ زور ڏنو وڃي. شاگردن جي تربيت، شاگردن کي پنهنجي صلاحيتن کي بهتر بڻائڻ لاءِ سکيا جاري رکڻ گهرجي، تعليم ۽ تحقيق کي فروغ ڏيڻ کان سواءِ جديد دور جي تقاضن سان نپائڻ جي ضرورت آهي، صرف پيپر پڙهڻ جي بدران محنت جي ضرورت آهي، وڌيڪ پڙهو محنت رائيگان نہ ويندي آهي آخر ۾ پوزيشن هولڊر شاگردن ۾ ايوارڊ ۽ سرٽيفڪيٽ ورهايا ويا. ان موقعي تي ضلعي ۽ برانچز جي عهديدران خليفي محمود علي ميمڻ، مولانا مقصود احمد راهوجو حافظ اعجاز احمد منگي، آصف راجپوت، جان محمد عباسي، مير محمد عباسي، خليفو حسيب احمد، صبغت الله، حافظ محمد عمر، تاج محمد لکن، منور علي ڪوسو ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.

بقايا	سنڌيار	14

جي ڪورنگي واري علائقي ضياءِ ڪالوني ۾ پي پي اڳواڻ سائين بخش بنگلاڻي جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي تقريب منعقد ڪئي وئي تقريب ۾ سماجي اڳواڻ روشن علي خاصخيلي، جانثار مسڻ، شڪيل گجر، عمر بلوچ، ريحان لاشاري، ديدار ڏاهاڻي ۽ ٻين شرڪت ڪئي، ريلي مختلف علائقن ڪان ٿيندي واپس ضياءِ ڪالوني پهتي ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي سائين بخش بنگلاڻي چيو تہ اسانکي پنهنجي ملڪ پاڪستان تي فخر آهي هن چيو تہ چوڏنهن آگسٽ ملڪ جي آزادي جو ڏهاڙو اسانکي جوش ۽ جزبي سان ملهائڻ گهرجي سندس چوڻ هو تہ اسان جي وڏڙن پاڪ فوج سان گڏجي ملڪ جي آزادي لاءِ وڏيون قربانين ڏنيون آهن سائين بخش بنگلاڻي چيو تہ اسان کي سڀ نفرتون ختم ڪري ملڪ جي بهتري لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻ گهرجي تقريب جي آخر ۾ ملڪ جي سلامتي ۽ بقا جي دعا گهري وئي

بقايا	سنڌيار	15

پريس ڪلب آڏو مظاهرو ڪيو ويو ، احتجاج ۾ شامل اڳواڻن چيو تہ شهيد جان محمد مهر جو قتل سنڌ جي اندر آزاد صحافت جو قتل آهي جنهن ۾ سکر جي ايس ايس پي جانچ ڪان اڳ غلط بياني ڪري پوليس جي ونگار واري ڪردار کي عملي طور ظاهر ڪري ڇڏيو ، جنهن جي ڪري ايس ايس پي سکر کي فوري طور معطل ڪيو وڃي ، شهيد جان محمد مهر جا قاتل گرفتار ڪري ڦاهي چاڙهيا وڃن ٻي صورت ۾ سڄي سنڌ اندر احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا	سنڌيار	16

جي سڏ تي سکر ، لاڙڪاڻو ۽ حيدر آباد ڊويزن جي صحافين سکر جي سياسي سماجي شهري تنظيمن جي اڳواڻن پاران سکر پريس ڪلب ڪان ايس يو جي جي صدر

امداد بزدار جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي ايس ايس پي آفيس آڏو ڌرڻو هنيو ڌرڻي ۾ پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس جي خزانچي لالا اسد پٺاڻ، خصوصي طور تي شرڪت ڪئي، ان موقعي ڪان آيل سينيئر صحافين وحيد راڄپر، احسان لاشاري، حيدر آباد جي سينيئر صحافين جڳ [illegible] لاڙڪاڻو خيرپور، شڪارپور، جيڪب آباد، ڪشمور ڪندڪوٽ سميت روهڙي، پنو عاقل، صالح پٽ شڪارپور جي ننڍن وڏن شهرن جي صحافين [illegible] قربان [illegible] وحيد [illegible] احقر [illegible] جاويد [illegible] چيو تہ شهيد جان محمد مهر سموري سنڌ جي مظلوم ماڻهن جو آواز هو جيڪو [illegible] معروف [illegible] سر عام گوليون هڻي قتل ڪيو ويو مذمت جوڳو عمل آهي. هنن چيو تہ شهيد جان محمد مهر جي ڪردار [illegible] قاتلن [illegible] آئي جي [illegible] ويندو.

بقايا	سنڌيار	17

وهاب پندراڻي، ڪامريڊ پرست اڳواڻ جبدار ميرجت، ايس يو پي اڳواڻ الله داد خشڪ، رميز ٽونيو آصف مگسي، ايس ٽي پي اڳواڻ داد محمد ڪند، نواز ليگ اڳواڻ وشال پليائي، تخت راءِ شعبان جمالي، ايڊووڪيٽ ابرار سومرو، شيعا اڳواڻ سيد اڪبر شاهه، منور منگي، مزدور اڳواڻ ڪامريڊ عرس سيلرو، جسقم اڳواڻ صدر قريشي، آغا ڪالاڻي، نوشاد سومرو، ذوالفقار سيلرو، راجا شيخ ۽ مختلف سياسي سماجي تنظيمن جي ڪارڪنن ۽ اڳواڻن پريس ڪلب اڳيان هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي نٿهڻ اُس ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هڻي سخت نعريبازي ڪئي، ان موقعي تي اڳواڻن ميڊيا وارن سان ڳالهائيندي چيو تہ شهيد جان محمد مهر کي سکر جي وچ آبادي واري علائقي ۾ سرعام گوليون هڻي شهيد ڪيو ويو جيڪو مذمت جوڳو عمل آهي، هنن چيو تہ شهيد جان محمد مهر جو قتل سنڌ جي شعور جو قتل سمجهون ٿا مظاهرين شهيد جان محمد مهر جي قاتلن کي فوري طور تي گرفتار ڪري سنڌ جي صحافين کي تحفظ فراهم ڪري صحافين، سياسي، سماجي اڳواڻن، ۽ شعور وند ماڻهن ۾ پکڙيل بيچيني ختم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو

بقايا	سنڌيار	18

ڏٿي ڏنو جاکرو، ڪامريڊ غلام مصطفيٰ سومرو، حافظ هدايت سومرو، زوهيب مگسي، راشد مگسي، ياسين سومرو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڪيتري وقت کان ولي مڃرن جي وڏنڊڻ آزار ۽ ٻين انيڪ مسئلن خلاف سرڪاري اسپتال ڪان پڄاري پل چوڪ تائين هڪ وڏي احتجاجي ريلي ڪڍي، ڪارڪنن هٿن ۾ جهنڊا پلي ڪارڊ کڻي نعرا هڻي رهيا هئا، ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو تہ ٻ پ حڪومت عوام ڪان جيئڻ جو حق کسي ڪين تباهہ ڪري ڇڏيو آهي، دڙو شهر ۽ ٻرياسي جي مختلف يوسيز ۾ مڃرن جي آزار سبب عوام سخت پريشان آهي، هنن وڌيڪ چيو تہ عوام جي صبر جو پيمانو هاڻي ختم ٿي چڪو آهي، جيڪڏهن فوري طور شهر ۾ مڃرمار اسپري نہ ڪرايو ويو تہ سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا	سنڌيار	19

سان تعزيت ڪئي، سکر 15 آگسٽ 2023 ع ڊويزنل ڊائريڪٽر انفارميشن سکر جهانگير خان ابڙو جي سينيئر صحافي ڪاوش ۽ ڪي ٽي اين نيوز سکر جي بيوروچيف جي شهادت تي سندس جي اباڻي ڳوٺ چڪ پهچي سندس جي پاءِ ڪرم الله مهر، ويجهي عزيز بچل خان مهر ۽ ٻين پوئنرن سان تعزيت ڪئي، ان ڪان اڳ ڊائريڪٽر انفارميشن سکر جهانگير خان ابڙو مرحوم جان محمد مهر جي قبر تي پهچي گلن جي چادر چاڙهي فاتحہ پڙهي مغفرت لاءِ دعا پڻ گهري.

بقايا	سنڌيار	20

سنڌ جي مرڪزي وائيس چيئرمين بچل هنگورو، خيرپور صحافي اتحاد جي صدر غلام حسين چانگ، خير محمد عامر، حسين بخش ڪبر، مولابخش ٽيبو، عبدالرزاق لاشاري، شفيع محمد ملاح، دودل نوحپوٽو مجاهد سامتيو، محسن ملاح، قاضي اياز عالم ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ مرڪزي ميڊيا هائوس محرابپور ڪان احتجاجي ريلي ڪڍي وئي مظاهرين جي ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ۽ هٿن ۾ پلي ڪارڊ هيا جن تي مختلف نعرا لکيل هيا هن مظاهري کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو تہ جان محمد مهر کي سکر وچ شهر ۾ سري عام گولين جو بک بڻائي شهيد ڪيو ليڪن پوليس هن مهل تائين قاتلن کي گرفتار نہ ڪري سگهي آهي هنن چيف جسٽس پاڪستان آءِ جي سنڌ ۽ ٻين بالا حڪام کان مطالبو ڪيو تہ شهيد جان محمد مهر جا قاتل گرفتار ڪيا وڃن ٻئي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا	سنڌيار	21

ونگائي، ضلعي صدر سيد زاهد علي شاهه، سينيئر ضلعي اڳواڻ مولانا علي مراد حقاني، زوار جميل الرحمان جتوئي، مولانا حب علي حيدري، سيد ظهور علي شاهه، مولانا امجد علي جعفري، مولانا رفيق الحسن رضائي، استاد بشير حسيني وسطڙو، استاد محمد عالم ڪربلائي، مولانا عاشق حسين ڪوسو مولانا بشير حسين چانڊيو واجد علي ڪربلائي، مولانا شفقت عباس ڪوسو بلاول علي ڪوسو سيد ميرل شاهه، سيد ذوالفقار شاهه، سيد برڪت علي شاهه، امير علي چانڊيو سميت وڏي انگ ۾ عزادارن شرڪت ڪئي ۽ متنازع تڪفيري بل کي ڪنهن بہ صورت ۾ قبول نہ ڪرڻ جو اعلان ڪيو ۽ چيو تہ قائدين جي حڪم تي هر قسم جي قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهيون.

بقايا	سنڌيار	22

تحت ايف آئي آر داخل ڪري سڪندر گوپانگ ۽ سندس پٽ جهانگير گوپانگ جهلو پوليس پڪٽ جي وڏي منجي کي گرفتار ڪري جهلو پوليس پڪٽ تي لاڪپ ڪري ڇڏيو آهي، سب انسپيڪٽر رحمت الله ميمڻ جي فرياد تي داخل ٿيل ڪيس ۾ فريادي ڄاڻايو آهي تہ اسان 12 تاريخ تي دادو پوليس جي ڪنٽرول روم وائرليس تان آپريٽر ارشاد ملاح فون ڪئي ۽ چيو تہ ڪنهن جهلو پوليس پڪٽ جي سرڪاري وائرليس سيٽ تان پاڻ کي ايس ايس پي دادو سڏائي وڏي منجي اشفاق ڪوڪر کي بدلي ڪرڻ جا حڪم جاري ڪيا آهن جاچ بعد خبر پئي تہ جهلو پوليس پڪٽ جي وڏي منجي سڪندر گوپانگ جو پٽ جهانگير گوپانگ جهلو پوليس جي سرڪاري موبائيل جي وائرليس سيٽ تان پاڻ کي دادو ايس ايس پي سڏائي اشفاق ڪوڪر سميت ٻين کي بدلي ۽ مقرر ڪرڻ جا حڪم جاري ڪيا آهن. دادو ايس ايس پي عبدالخالق پيرزادو جي سخت نوٽيس تي پنهنجي پيءُ پٽ خلاف جهلو پوليس پڪٽ تي ڪيس داخل ڪري پنهنجي کي گرفتار ڪري لاڪپ ڪيو آهي،گرفتار ٿيل ٻنهي کي دادو عدالت ۾ پيش ڪيو ويندو.

بقايا	سنڌيار	23

فوزيہ احتجاج ڪندي صحافين کي ٻڌايو تہ اسان جي عزيزن اسان کي بنا ڪنهن سبب قتل ڪرڻ لاءِ ڌمڪيون ڏنيون آهن جنهن جي ڪري اسان خوف حراس ۾ مبتلائي پنهنجي اباڻي گهرن کي ڇڏي مختلف هنڌن تي حياتين بچائڻ لاءِ رهائش اختيار ڪري رهيا آهيون ، جنهن ۾ اسان تي قاتلانہ حملي جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي اسان جا عزيز صديق ، ستار، غني ، رجب ، زبير ، دلنواز ۽ ٻين مان اسان کي حياتي جو خطرو آهي جيڪي ڪنهن بہ وقت اسان کي ڳوليهي گوليون هڻي قتل ڪري سگهن ٿا ۽ اسان جي لاشن کي گم ڪري معاملي کي لٽي مٽي ڪرڻ جي تياري ڪري رهيا آهن ، زال مڙس نگران وڏي وزير ، گورنر سنڌ ۽ اعلئ اختيارين کان ڪين فوري طور حياتين جي تحفظ جو مطالبو ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا	سنڌيار	24

حسن ملڪ، غلام ياسين لاشاري، حفيظ ملڪراج گوپي چند ۽ ٻين پڻ احتجاجي مظاهري کي خطاب ڪيو ويو

بقايا	سنڌيار	25

آگسٽ جشن آزادي ريلي ڪڍي وئي ۽ پاڪستان زنده باد جا نعرا لڳايا ويا، ريلي ۾ پ پ ضلع بدين جي ڊپٽي انفارميشن سيڪريٽري نجيب سرويچ، تعلقہ صدر ڊاڪٽر اقبال ميمڻ، پ پ منارتي ونگ ضلع صدر ڊاڪٽر هريش ڪمار، ليبر بيورو ضلع صدر عبدالغني راهيمون، سپاف ضلع صدر شهمير گمبول ميمڻ، ليڊيز ونگ ضلع صدر فردوس عزيزميربحر ۽ عبدالشڪور لوهار سميت سوين ڪارڪن ۽ ورڪرن هٿن ۾ پاڪستان ۽ پارٽي جا جهنڊا کڻي ڪارن ۽ موٽرسائيڪلن تي ڪافلي جي صورت ۾ پارٽي آفيس ڪان پبلڪ پارڪ، پتڻ ناڪو، بلورو اسٽاپ ۽ ماموا لاڏو چوڪ ڪان شهر جي مڪ بازار مان ٿيندي پارٽي آفيس پهتي جتي اڳواڻ چيو تہ اسان سڀ پاڪستاني قوم آهيون 14 آگسٽ جشن آزادي جو ڏهاڙي کي هميشہ عيد جي ڏهاڙي وانگر ملهائيندا آهيون، اسان انهن شهيدن مجاهدن ۽ غازين کي ڀيٽا پيش ڪريون ٿا جيڪي ملڪ لاءِ پنهنجي جان جو نظرانو ڏئي اسان کي آزاد زندگي جيئڻ جو حق ڏئي ويا اسان انهن محب وطن شهيدن کي سرخ سلام پيش ڪريون ٿا.

بقايا	سنڌيار	26

ڪيو ويو احتجاج ۾ نيشنل ڊيموڪريٽڪ پارٽي جي مرڪزي صدر ممتاز بروهي پڻ شرڪت ڪئي انڊس پريس ڪلب ڪراچي جي صحافين فدا رند اصغر بروهي اسد بروهي محمد عديل ٻين وڏي انگ ۾ شريڪ ٿي احتجاج ڪيو نيشنل ڊيمو ڪريٽڪ پارٽي جي مرڪزي صدر ممتاز بروهي خطاب ڪندي چيو تہ جان محمد مهر ڏاڙيل ڪلچر ۽ انهن پنيان گجهن هٿن کي ظاهر ڪيو ۽ ڊاڪيومينٽريون ناهيو جنهن سبب قتل ڪيو ويو اجوڪي احتجاج وسيلي گهر ڪريون ٿا جان محمد مهرجي قتل جي مڪ ڪردارن کي سنڌ جي عوام آڏو آندو وڃي، انڊس پريس ڪلب ڪراچي جي صدر فدا رند خطاب ڪندي چيو تہ آئي ڏينهن صحافين تي حملا ۽ ڪوڙا ڪيس داخل ڪيا وڃن ٿا، احتجاج ڪندي اسد بروهي چيو تہ سنڌ ۾ سچي صحافت وڏيرڪي زهنن ۽ رهزنن کي قبول ناهي تڏهن سنڌ ۾ صحافين جو قتل عام جاري آهي، انڊس پريس ڪلب ڪراچي جي چيئرمين اصغر بروهي چيو تہ هٿ وٺي سنڌ ۾ بهادر صحافين کي ماريو وڃي پيو اصغر بروهي وڌيڪ ڳالهائيندي چيو تہ شيرز پتو ،اصغر ڪند ۽ هاڻي جان محمد مهر کي سرعام گوليون هڻي قتل ڪيو ويو آهي پر اڄ تائين ڪنهن بہ صحافي جي قاتلن کي نہ گرفتار ڪيو ويو آهي نہ ئي ڪنهن کي سزا ڏني وئي آهي، اصغر بروهي گهر ڪندي چيو تہ سنڌ ۾ هٿ وٺي شهيد ٿيندڙن صحافين جي قتل پنيان گجها هٿ ظاهر ڪيا وڃن ۽ ٻئي طرف سنڌ پوليس وڏيرن جاگيردارن جي سهولت ڪار بڻيل آهي سنڌ سرڪار توڙي جي پوليس ڪان نہ عام شهري کي تحفظ حاصل آهي نہ ئي صحافين کي اسين مطالبو ٿا ڪريون تہ فورن جان محمد مهر جا قاتل گرفتار ڪيا وڃن.

بقايا	سنڌيار	27

ويو ايريگيشن انتظاميہ پاران سهڪار نہ ڪرڻ تي سوين آبادگارن ۽ هارين پيهر سجاول ويجهو برانچ موري تي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو آبادگارن روڊ جي ٻنهي طرفن ڪان رڪاوٽون وجهي ٺٽو ۽ سجاول روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو ۽ ايريگيشن انتظاميہ خلاف سخت نعري بازي ڪندي هنن چيو تہ جاتي تعلقہ جي وڏين شاخن ۾ پاڻي نہ ڇڏڻ جي ڪري اسان جا ساريالو بيجا سکي ختم ٿي ويا، پاڻي جي ڦڙي لاءِ سکي رهيا آهيون جانوراڄ وگهي مرڻ لڳا آهن، ماڻهو هاڻي لڏ پلاڻ ڪري وڃڻ تي مجبور آهن، هنن چيو تہ اسان کي هر سال پاڻي جي مد ۾ تباهہ ۽ برباد ڪيو وڃي ٿو ايريگيشن انجنيئر آفيس اڳيان ڪافي ڏانهون ڪرڪوڪيون آهن پر ڪير بہ اسان جي ڏانهن ٻڌڻ لاءِ تيار ناهي، هنن وڌيڪ چيو تہ مٿي ٻوڙ جهڙي صورت حال پيدا ٿي وئي آهي پرهتي اسان کي پيئڻ لاءِ پاڻي نٿو ملي، جڏهن ٻوڙ اچي ٿي تہ اسان کي هٿرادو ٻوڙهيو وڃي ٿو ڌرڻي کي هڪ ڪلاڪ گذرڻ بعد اڳوٺو ضلع ناظر سيد شفقت شاهه شيرازي جي خاطري بعد آبادگارن ڌرڻو ختم ڪيو

بقايا	سنڌيار	28

مڙس بيلدار ممتاز علي ڪوسو کي مارڪٽ ڪري زبردستي پنهنجي والد کي ڌمڪيون ڏئي مون کي طلاق ڏياري هئي، منهنجي ڏيءَ مرڪ کي زبردستي ڪسي ٻاندي بڻائي ڇڏيو آهي، جنهن بعد آءَ پنهنجي 3 نياڻين جي خرچ لاءِ ميهڙ ڪورٽ ۾ درخواست ڏني جتي منهنجي مڙس ممتاز ڪوسو ڪورٽ آڏو خرچ ڏيڻ جو چيو هن روئيندي چيو تہ 2 ڏينهن پهريان مڙس ممتاز ڪوسو حراسمينٽ ۽ ذهني دٻاءَ سبب فوت ٿي ويو آهي، هاڻ منهنجي 3 نياڻين کي ڪير پاليندو منهنجو واحد سهارو مرحوم مڙس هيو جنهن کي پٽڻ ذهني ۽ جسماني پريشان ڪيو هن چيو تہ عدد ڪرڻ چاهيو تہ پٽڻ نہ ڪرڻ ڏنو ۽ منهنجي 5 سالا نياڻي مرڪ مون ڪان ڪسي پاڻ وٽ رکي ڇڏي آهي، هن گورنر سنڌ سيشن جج دادو انساني حقن جي تنظيمن ڪان مطالبو ڪيو تہ اڳ جاورن پٽڻ خلاف قانوني ڪاروائي ڪري ٻچن جي گذر لاءِ مڙس جي پگهار ڏياري وڃي جيئن پنهنجي 3 نياڻين جو پيٽ پالي سگهان.

بقايا	سنڌيار	29

خادم، آفتاب سيال شاد محمد مهر، ياسين ميراڻي، غلام شبير سيال، سريچند ڪپور، صدام بلوچ، منٺار چند، زبير سيال، انور ملڪ، عبدالقادر سومرو، زاهد مهر، ڪامريڊ دودو مهر، ثناءالله گڏاڻي، محمد حسين سومرو، ماڏارام ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو مظاهرين پنج گلي چوڪ ڪان احتجاج ڪندا تعلقہ پريس ڪلب پهتا مظاهرين جي هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽ بئنر هئا، جن تي شهيد صحافي جان محمد مهر جي

خون سان انصاف ڪيو صحافي جان محمد مهرجا قاتل گرفتار ڪيو جا نعرا درج ٿيل هئا، صحافين ان موقعي تي چيو تہ هٿياربندن سکر شهر ۾ سرعام گوليون هڻي بهادر صحافي جان محمد مهر کي شهيد ڪري فرار ٿي ويا سکر پوليس قاتلن کي گرفتار نہ ڪري سگهي پوليس جي نااهلي سبب صحافي جان محمد جا قاتل آساني سان فرار ٿي ويا مظاهرين چتاءُ ڏنو تہ صحافي جان محمد مهر جا قاتل گرفتار نہ ڪيا ويا تہ سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا	سنڌيار	30

ڪلب پهچي احتجاج ڪيو ان موقعي تي هن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ ست سال اڳ رابيہ ڏيءِ برڪت گوپانگ سان شادي ڪئي هئي جنهن مان مونکي ٻن ٻارڙن جي اولاد آهي جن جا نالا حسن ۽ حسنين آهن، هن چيو تہ منهنجي زال جو ڪردار سٺو نہ هجڻ ڪري گهر ۾ روزانو گهرو اٿبٽت ٿيندي رهندي هئي جنهن کان تنگ اچي مون هن کي ڪورٽ جي ذريعي طلاق ڏئي ڇڏي آهي، جنهن ڪانپوءِ هن ٻئي ٻارڙا منهنجي حوالي ڪري گهر ڇڏي هلي وئي آهي جيڪي ٻئي ٻارڙا رضا خوشي سان مونسان گڏ رهي رهيا آهن ۽ جيڪي خوش بہ آهن. هينئر هن پنهنجي وارثن سان گڏجي خيرپور جي شاهه لطيف ٿاڻي تي مون مٿان ٻارڙن کي اغوا ڪري قيد رکڻ جو ڪوڙو ڪيس داخل ڪرائي ڇڏيو آهي جنهن سبب آءَ مختلف جڳهن تي دربدري واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهيان هن معصوم ٻارڙن سان گڏ احتجاج ڪندي ايس ايس پي خيرپور ڪان مطالبو ڪيو تہ معاملي جو نوٽيس وٺي مون مٿان داخل ڪوڙو ڪيس ختم ڪري انصاف مهيا ڪيو وڃي.

بقايا	سنڌيار	31

بوائز ۽ گرلز هاءِ هائر سيڪنڊري اسڪولن ۽ گرلز بوائز ڊگري ڪاليجن ۾ تقريبون منعقد ڪري پاڪستان جا قومي پرچم ڦڙڪايا ويا. ميونسپل ڪاميٽي نئون ديرو ۾ چيئرمين عبدالخالق پٽو وائيس چيئرمين انور ٻرڙو، ڪائونسلرن ڪاشان قاضي، امجد سومرو، نبي بخش ڪوڪر، چوٽ مل، نثار ميراڻي، ظهير ميراڻي سميت پ پ اڳواڻ سيد ارشد راشدي، سرفراز ميراڻي، ميونسپل ملازم جاويد منگي، احد جمال ۽ ٻين شرڪت ڪري پاڪستان جو قومي پرچم ڦڙڪايو ان موقعي تي مٺائي تقسيم ڪري خوشيءَ جو اظهار ڪيو پاڪستان ايڪس آرمي سروس مين سوسائٽي پاران باب ذوالفقار ڪان پريس ڪلب تائين جشن آزادي جي خوشيءَ ۾ ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ شامل اڳواڻن سڪندر ناريجو، غلام شبير جروار، ڊي ايس پي نئون ديرو نثار بروهي، منور سيٺار، مختيار مگٿيجو ارشاد ميراڻي ۽ ٻين سول سوسائٽي سان گڏجي قومي گيتن تي رقص ڪندي پاڪستان جا جهنڊا کڻي آزاديءَ جو جشن ملهايو ۽ پاڪستان خوشحالي ۽ پاڪ فوج جي سلامتيءَ لاءِ دعائون گهريون. فاريسٽ ڊپارٽمينٽ پاران شاهنواز سيال ۽ ٻين جي اڳواڻيءَ ۾ ريڙهيءَ تي ٻوٽن جون چڪيون ڪٽي شهر اندر مختلف ماڻهن ۾ گل، ٻوٽا ورهائي وڻ ڪان وڌ ٻوٽا پوکي ملڪ کي سرسبز ۽ شاداب بڻائڻ لاءِ ماڻهن کي جاڳرتا پڻ ڏني، پاڪستان پيٽرياٽڪ موومينٽ زندآباد پاران جشن آزادي جي خوشيءَ ۾ مرڪزي وائيس چيئرمين نظر ابڙو محمد حنيف مگٿيجو نور ميراڻي، عبدالله ڪوڪر، عبدالواحد بروهي ۽ ٻين جي اڳواڻيءَ ۾ ريلي ڪڍي وئي، بختاور ماڊل هاءِ اسڪول ۽ ڪاليج ۾ تقريب منعقد ڪئي وئي جڏهن تہ شهيد محترمہ بينظير ڀٽو گورنمينٽ گرلز ڊگري ڪاليج ۾ ٻوٽا پوکي پاڪستان جي سلامتي لاءِ دعائون گهريون ويون. گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڦلپوٽا ون ۾ پڻ تقريب منعقد ڪئي وئي.

بقايا	سنڌيار	32

صحافين کي تحفظ فراهم ڪرڻ ۾ مڪمل طور تي ناڪام ٿي وئي آهي هڪ هفتي دوران ٻن قلم ڌڻين کي بي دردي سان قتل ڪيو ويو آهي جڏهن تہ گڏريل رات سکر جي سينيئر صحافي جان محمد مهر آفيس کان گهر ويندي گوليون هڻي قتل ڪري وڌو ظلم ڪيو ويو آهي جنهن جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا صحافين آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي سکر ۽ ايس ايس پي سکر ڪان مطالبو ڪيو تہ جلد شهيد جان محمد مهرجي قاتلن کي گرفتار ڪري صحافين ۾ پکڙيل بيچيني ختم ڪري قاتلن کي ڪيفرڪردار تائين

پهچايو وڃي ٻئي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو

بقايا	سنڌيار	33

، رمضان شورو ، عبدالجبار بلوچ ، عبدالحفيظ ميمڻ ، خان عباسي ، شعيب ڪيريو، قادر شورو، ساحل اياز، محمد اشرف برهياڙ ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو تہ نگران صوبائي حڪومت کي فوري طور شهيد جان محمد مهر جي قتل ڪيس جي اعليٰ سطح تي جانچ ڪرائي جوابدارن کي گرفتار ڪرائڻ گهرجي، ٻي صورت ۾ هاڻي احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

بقايا	سنڌيار	34

ڪونہ ڪندي، پاڪستان فقط هڪ ملڪ نہ بلڪ هڪ نظريي ۽ فڪر جو نالو آهي، جماعت اسلامي 76 سالن ڪان پاڪستان جي نظرياتي ۽ جاگرافيائي سرحدن جي حفاظت ڪري رهي آهي. هن وقت سڄي دنيا ترقي طرف گامزن آهي، پر اسان هڪ قوم نہ بڻجي سگهياسون ۽ پاڪستان پهرين اسلامي ايٽمي رياست هئڻ باوجود عوام پاڻي جهڙي بنيادي سهولت ڪان بہ محروم آهي. 10 ڪروڙ شهري غربت جي لڪير ڪان هيٺ زندگي گذارڻ تي مجبور ۽ 07 ڪروڙ نوجوان بيروزگاري سبب ڌڪا کائي رهيا آهن. ظالم حڪمرانن جي ڪري اڄ هر پاڪستاني اربن لک رپين جو قرضي آهي هتي غربت ننڱو ناچ ڪري رهي آهي حڪومت غربت ۽ مهانگائي ۽ بدامني جي خاتمي ۾ ناڪام ثابت ٿي آهي جن بہ ملڪ کي لٽيو آهي انهن سڀني کي اٽڪ جيل ۾ هئڻ گهرجي. حقيقي آزادي ۽ تبديلي لاءِ عظيم جدوجهد جي ضرورت آهي. اهڙن خيالن جو اظهار هن اسٽيشن روڊ تي جي آءِ يوٿ پاران رٽيل يوٿ ڪنونشن کي خطاب ڪندي ڪيو صوبائي امير محمد حسين محنتي، يوٿ جي مرڪزي صدر رسل خان بابر، صوبائي نائب امير ممتاز حسين سهتو، يوٿ سنڌ جو صدر امتياز پالاري، ضلعي امير عقيل احمد خان پڻ خطاب ڪيو. ان موقعي تي سينئر صحافي جان محمد مهر جي بيدردي سان قتل، تعليم، صحت ۽ امن امان جي خراب صورتحال جي باري ۾ پڻ قراردادون منظور ڪيون ويون. هوڏانهن امير جماعت اسلامي جو جامشورو ٽول پلازه وٽ ضلعي امير صالح پُرٽ جي قيادت ۾ زبردست استقبال ڪيو ويو استقبال لاءِ ايندڙ ڪارڪنن کي خطاب ڪندي چيو تہ عوام ملڪ ۾ حقيقي تبديلي، اسلامي، فلاحي، جمهوري ۽ خوشحال پاڪستان لاءِ هاڻي جماعت اسلامي جو ساٿ ڏئي. مرڪزي امير ضلع متياري جي تعلقي سعيد آباد ۾ قائم ديني اداري جامعة الحرمين ۾ نعمت الله خان تعليمي بلاڪ جو افتتاح ۽ رٽيل ميڙاڪي کي خطاب ڪندي چيو تہ آزادي جو مطلب پنهنجي مرضي سان مذهب ۽ نظريي موجب زندگي گذارڻ آهي، پرهتي 76 سال گذري وڃڻ باوجود اڄ بہ انگريزن جو قانون مسلط، آءِ ايم ايف جي غلامي جو سنگهر اسان جي ڳلي ۾ پيل آهي تہ پوءِ اسان ڪيئن آزاد آهيون؟ عدالتن ڪان ويندي ٿاڻي تائين قرآن بدران انگريز سامراج جي قانون موجب فيصلا ٿي رهيا آهن ان ڪري اڄ جو ڏينهن حقيقي آزادي ۽ خوشحال پاڪستان لاءِ جدوجهد ڪرڻ جو عزم ڪريون جماعت اسلامي ان مشن کي حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪري رهي آهي. پاڪستان ۾ اسلامي نظام نافذ ٿيندو تہ اوهان جي ٻچن جو مستقبل محفوظ هوندو، پراج باجوڙ، گوادر ۾ بہ ڏماڪا ۽ سنڌ ۾ ڏاڙيل راڄ جي ڪري هر طرف خوف ۽ بي يقيني وارو ماحول آهي، خوف، بُک ۽ بي امني ڪان نجات فقط الله جي دين ۾ آهي. سيد منور حسن ۽ نعمت الله خان الله جا ولي هئا جن عوام جي خدمت ۽ دين کي قائم ڪرڻ لاءِ وڏي جدوجهد ڪئي. سراج الحق جامعة الحرمين جي انچارج مُفتي جلال الدين منصوري ۽ سندس ٽيم جي ڪيل علمي خدمتن جي ساراهه ڪندي چيو تہ ان شاءَ الله هڪ ڏينهن هي ادارو وڏي علمي اداري جي شڪل اختيار ڪندو. ان موقعي تي صوبائي امير محمد حسين محنتي ۽ مُفتي جلال الدين منصوري پڻ خطاب ڪيو جڏهن تہ مرڪزي نائب امير مولانا اسدالله ڀٽو ممتاز حسين سهتو مولانا آفتاب ملڪ، مجاهد چنا، ضلعي امير اياز احمد اصلاحي سميت ٻيون سماجي ۽ ديني شخصيتون پڻ موجود هيون

بقايا	سنڌيار	35

سان تعزيت ڪئي، سکر 15 آگسٽ 2023 ع ڊويزنل ڊائريڪٽر انفارميشن سکر جهانگير خان ابڙو جي سينيئر صحافي ڪاوش ۽ ڪي ٽي اين نيوز سکر جي بيوروچيف جي شهادت تي سندس جي اباڻي ڳوٺ چڪ پهچي سندس جي پاءِ ڪرم الله مهر، ويجهي عزيز بچل خان مهر ۽ ٻين پوئنرن سان تعزيت ڪئي، ان ڪان اڳ ڊائريڪٽر انفارميشن سکر جهانگير خان ابڙو مرحوم جان محمد مهر جي قبر تي پهچي گلن جي چادر چاڙهي فاتحہ پڙهي مغفرت لاءِ دعا پڻ گهري.

بقايا	سنڌيار	36

ميمڻ ۽ ٻين مرڪزي اڳواڻن خصوصي طور شرڪت ڪئي، گڏجاڻي ۾ لاڙڪاڻي ضلعي جي چئني تعلقن جا يوٿ عهديدار چونڊيا ويا، ان موقعي تي مرڪزي آرگنائيزنگ ڪاميٽي جي ميمبر عزيزاحمد ڪٽپر پاران آيل مهمانن کي آجياڻو ڏيندي اجرڪ ۽ ٽوپين جا تحفا پيش ڪيا ويا. تقريب کي خطاب ڪندي اڳواڻن اياز ميمڻ چيو تہ اسان جي تنظيم غير سياسي آهي ۽ هن جو مقصد فقط سنڌ ۾ رهندڙ غريب، بي پهچ ميمڻ برادري جي ماڻهن جي مدد ڪرڻ آهي. برادري جي تعليم يافتا نوجوانن کي روزگار فراهم ڪري ڏيڻ ۽ ٻيا پروگرام شامل آهن. عزيز احمد ڪٽپر چيو تہ اسان جي برادري قديمي حيثيت رکي ٿي جيڪا محنت ڪش آهي، اسان جا 80 سيڪڙو ماڻهو ڪاروباري آهن، باقي 20 سيڪڙو رهيل ماڻهن کي بہ روزگار سان لڳائڻ لاءِ ڪم ڪنداسين. تقريب ۾ لاڙڪاڻي، نئين ديري، رتيديري، ڏوڪري، باڊهہ، نصيرآباد، قمبر شهدادڪوٽ ۽ ٻين شهرن ڪان برادري جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. تقريب جي آخر ۾ گڏيل راءِ سان مدر ونگ لاءِ رستم ميمڻ، معشوق ميمڻ، محمد طاهر ميمڻ، محمد علي ميمڻ، صدام ميمڻ کي آرگنائيزنگ ڪاميٽي ۾ شامل ڪيو ويو جڏهن تہ يوٿ ونگ لاءِ سلمان، ذيشان، آصف، ثناءُ الله، اسد جمال، اطهر ميمڻ کي عهديدار چونڊيو ويو

بقايا	سنڌيار	37

ورڪرز ڪنوينشن ڪوٺايو ويو جنهن ۾ يوٽيلٽي اسٽور ڪارپوريشن سکر ريجن جي ملازمن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ڪنوينشن جي صدارت مرڪزي جوائنٽ سيڪريٽري عبدالقيوم وڏو ڪئي، ڪنوينشن جو خاص مهمان مرڪزي جوائنٽ سيڪريٽري محمد بچل پتوهو تقريب کي سکر سي بي اي جي عهديدار راحت حسين قريشي خطاب ڪيو مظفر حسين شر، رياض شيخ، فهيم انصاري، پاڪستان جي آزادي جي حوالي سان شير محمد شيخ ۽ ماجد علي ڪوسو چيو تہ ڪجهه ڏينهن قومن جي زندگيءَ ۾ ايترا تہ اهم هوندا آهن جو انهن جو ذڪر دل کي عقيدت ۽ جوش سان ڀريندو آهي، آگسٽ جي ڏينهن جي اها ئي اهميت آهي، 14 آگسٽ آزادي جو ڏهاڙو ناهي، صرف هڪ ڏينهن نہ پر پاڪستان تحريڪ جي مجاهدن جي لاثاني جذبي جو بہ پيغام آهي، صدارتي خطاب ڪندي مرڪزي جوائنٽ سيڪريٽري عبدالقيوم ڏيرو چيو تہ گڏريل سي بي اي ڪارڪنن جي پگهارن ۾ هڪ ڪروڙ روپين جو بہ اضافو نہ ڪيو هو. ٽڪڙن ۾ ورهايو ويو ۽ هاڻي توهان جي سي بي اي گڏريل 19 مهينن ۾ مزدورن جي مفاد ۾ تمام گهڻو ڪم ڪيو آهي، جنهن ۾ مئين ڊيلي ويجز پائرن جي پگهارن ۾ واڌ، ٽي پيرا بونس جاري ڪرڻ ۽ 25000 رپيا ٻن قسطن ۾ ادا ڪرڻ شامل آهن، معاهدو ۽ باقاعده پائرن لاءِ بہ پيرا بونس جاري ڪرڻ ريگيولر پائرن جي 12 سالن ڪان پوءِ تاريخ ۾ سڀ ڪان وڏي پروموشن آهي ۽ گڏريل سي بي اي دور ۾ 2021 جو بند ٿيل بونس پڻ معذور الائونس ڏنو ويو موت جي گرانٽ. خريداري جو ٽيلهو ڪمپيوٽر جو ڪردار: انچارج الائونس ۾ اضافو، سيلز ڪميشن ۾ سبسڊي واري شيون شامل ڪرڻ ۽ انشاءَ الله تمام جلد يوٽيلٽي اسٽور ڪارپوريشن جي ڪارڪنن کي برانڊڊ شيون رعايتي قيمتن تي ملنديون، معاهدي پائرن جي واڌاري، ڊيلي ويجز ۽ ڪانٽريڪٽ پائرن کي ريگيولر ڪرڻ، گريجوئيشن ۽ هڪ پيرو هيٺهر ريگيولر پائرن جي پروموشن لاءِ پنهنجي اڳواڻ راجا مسڪين جي اڳواڻي ۾ ڪم ڪري رهيا آهن منور خاصخيلي ۽ دلدار خاصخيلي پاران آل پاڪستان نيشنل ورڪرز يونين ۽ مخالف اتحاد کي هميشہ لاءِ ختم ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو جنهن جو سمورن شرڪت ڪندڙن ڀرپور استقبال ڪيو

روزاني سنڌيار کي نمائندا گهرجن

روزاني سنڌيار Reg No 2677 ABC Certified ايڊيٽر اعجاز مهر ڪراچي Daily SINDHYAR Karachi NTN 4129440-8 www.dailysindhyar.com

سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن لاءِ روزاني سنڌيار کي پڙهيل لکيل ٽيڪنالوجي فرينڊلي نمائندن جي ضرورت آهي. روزاني سنڌيار ڪراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سکر بہ شروع ٿي وئي آهي. روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي، جنهن جي ويب سائيٽ 24 ڪلاڪ اپڊيٽ ٿيندي آهي. پوري دنيا ۾ جتي بہ سنڌي رهن ٿا، اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موڪلڻ جا هيراڪ نمائندا نہ گهرجن، پر جنهن وقت بہ ڪو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۽ تصوير موڪلين. اسان وقت بوقت نمائندن کي جديد ٽيڪنالوجي بابت ٽريننگ بہ ڏياريندا سين. دلچسپي رکندڙ اميدوار اداري سان رابطو ڪن ۽ سي وي موڪلين.

واٽس ايپ 0332-2605671

sindhyarnews@gmail.com